ساميءَ مَٿَ اُپٿِيا

زبير سومرو

ڪيئن نہ ٽيندو سوجهرو، ڪيئن نہ ڦٽندي باک،
سامي! تنهنجي ساک، صديون ڏيندي سنڌڙي.

منهنجي ڏُکي ڏات کي، ڪِلي ڪيڪاري،
سامي سُوئيڪاري، شل هيءَ شرڌانجلي!

What does Sami really mean....

I, being a decedent of ancient civilization of Sindh, feel the immense attraction towards well cultured historical times of Sindh that have been the prime base of my visualization and revealation. And I have constantly been magnetized by the great mystic existence and supernatural stuff of Sindhi Sufism.

What made me to pen down these verses, entirely based on Sami's sermonization and stimulation of Sufi morale and the exceptional attitude of the message of Sami.

What Sufism really is a sign of? Tasawwuf, Vedaanta, mystism or spiritualism may be complicated terminologies for masses, but when we talk of love, global peace, and getting riddance form once inner satanic will (Kam, Krodh, Lobh, Moh & Maya) and other compatible instincts, that is very simple, understandable and trouble free sort of interpretation of these terms.

Live and let live and co-existence is the best rationalization of these terms at all. This is how the people of Sindh, from king to laymen have had Sufi way of thinking and co-existential approach through out the known history. And I think all saints and poets of the sub-continent mean this universal message.

This book is an unintentional effort and self-esteem attempt just utterance rather I which does not claim any tremendous intellect range of substance, but these verses signify my simple and humble love offering - Shardhanajli and emotional affection to saint Sami. This is the mental picture of Sami and his followers, which keeps a matchless range of tranquility within the lexis.

- Zubair Soomro

منهنجي ڏکيءَ ذات کي، ڪِلي ڪيڪاري،
سامي سوئيڪاري، شل منهنجي شرڌا نجلي!

ساميءَ مَٽ اُپٽِيا

(بيت)

سنت ساميءَ کي شرڌانجلي

Mystic Poetry
A tribute to saint Sami

زبير سومرو

گونج پبليڪيشن
حيدرآباد، سنڌ

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : ساميءَ مٽ اپٽِيا
موضوع : شاعري
شاعر : زبير سومرو
ڇاپو : ٻيو © مارچ 2012ع
ڇپائيندڙ : گونج پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڪمپوزنگ : زبير سومرو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ :
ٽائيٽل :
پيسٽنگ :
تعداد :
قيمت :

All rights reserved
Sami`a Mat`a Upatiya (Mystic Poetry
Poet: Zubair Soomro
Published by Goonj Publications, Hyderabad, Sindh.
Composing: Zubair Soomro
Computer Layout:
Title:
Edition: © March, 2012
Quantity:
Price: Rs.

پيءُ ماءُ جي نالي. . .

جن جو رت ست
مون ۾، منهنجي ويڳاڻپ، سموري سياڻپ
۽ اياڻپ منجهه آهي
جيڪي منهنجي ڪل وجود جو تَتُ آهن
جيڪي منهنجي
ذات، ڏات ۽ تات جا
مُحرڪ ۽ مُسبب آهن
جن کان سواءِ مان
هر معنيٰ، مقصد ۽ مفهوم کان
ڇڙ آجو ٿي پوان ٿو
اي خدا !
مون کي
۽ منهنجي ناٺوَ کي
انهن جي ڇانو
حياتيءَ جي آخري ساهه تائين گهرجي . . . !

پِپر ۾ پرميشور . . .

نه ٻير ۾ ڪو ٻيو !؟

استَوَما سَد گميه ،
تمسَو ما جِيوتر گميه ،
مِرتيو ما امرتم گميه !

اي ايشور!

اسان کي باطل مان آزاد ڪري

سچ ۽ حق ڏي آڻ

اگيان ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي انڌڪار مان

گيان ۽ ڄاڻ جي روشنيءَ ڏي آڻ

۽ موت مان ڪڍي امر بڻاءِ !

(رِگ ويد)

ساوڏان ٿي هلڻ

امرت جو مارڳ آهي

اَساوڏان ٿي هلڻ

مِرتيو جو مارڳ آهي

ساوڏان پُرش امر آهن

۽ اَساوڏان پُرش مئلن جهڙا آهن...

- گوتم ٻڌ

(٢- اپرماد: ڌمپد)

اي بني سرائيل!
ياد رکو!
اسان جو خدا هڪڙو آهي
اوهان ڪنهن به طرح رت نه ڪائجو
نڪي فال ڪڍجو
۽ نڪا جادوگري ڪجو
نه نياڻين کي بي آبرو ڪجو
۽ وڏي عمر وارن جي اڳيان
سندن احترام ۾ اٿي بيهجو
ملڪ ۾ رهندڙ پرديسين سان
هم وطن جهڙو پيار ڪجو
ٻڌو! خبرداريءَ سان انهن تي عمل ڪريو
نه جيئن اوهان جو ڀلو ٿئي !

- توريت

(لاوي سرشتو- ١٩: ٣٤)

اي خداوند !
تنهنجي مقدس جبل تي ڪير اچي رهندا
بيشڪ، اتي اهي ئي اچي رهندا
جيڪي تابعداريءَ سان هلن ٿا
نيڪي جا ڪم ڪن ٿا
۽ سچ ڳالهائن ٿا
ڪنهن جي گلا نه ٿا ڪن
نڪي ڪنهن جي بدي ڪن ٿا
نه ئي ڪنهن تي تهمت هڻن ٿا
ڪميڻن ماڻهن کي حقارت سان ڏسن ٿا
۽ خدا جو خوف رکندڙن جي عزت ڪن ٿا
۽ جڏهن به قسم کڻن ٿا
نه نقصان هوندي به انهيءَ قسم تان نٿا ڦرن
جيڪي اهڙا چڱا ڪم ڪن ٿا
تن کي ڪو به لوڏو نه ايندو . . .

- زبور

(رس ٢: ٢٥)

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اي عزيزو !

اچو ته هڪٻئي سان محبت ڪريون
ڇوته محبت خدا جي طرفان آهي
۽ جيڪو محبت ڪري ٿو
اهو خدا کي سڃاڻي ٿو
جيڪو محبت نٿو ڪري
اهو خدا کي نه ٿو سڃاڻي،
ڇوته خدا محبت آهي
ڪنهن به انسان ذات ڪڏهن خدا کي نه
ڏٺو آهي
پر جيڪڏهن اسين هڪٻئي سان محبت
ڪريون ٿا
ته خدا اسان ۾ رهي ٿو
۽ سندس محبت اسان ۾ مڪمل ٿئي ٿي !

- انجيل

(۱ يوحنا ۷، ۱۰، ۱۱)

وَالْعَصْرِ ۝ إِنَّ الْإِنسَانَ لَفِي خُسْرٍ ۝
إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ
وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝

زماني جو قسم !
انسان وڏي خساري ۾ آهي
سواءِ انهن ماڻهن جي
جن ايمان آندو
۽ نيڪ عمل ڪيا
حق جي نصيحت
۽ صبر جي تلقين ڪندا رهيا

- قرآن پاڪ

(سورة العصر- عم: ۳۰)

اي انسانو!
منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو !
الله تعاليٰ توهان کي مذڪر ۽ مؤنث مان پيدا
ڪيو
ان کان پوءِ توهان کي قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايو ويو
ته جيئن توهان هڪٻئي جي سڃاڻپ ڪري
سگهو
ياد رکو!
ڪنهن به عرب کي عجم تي
۽ عجم کي عرب تي فوقيت حاصل ناهي
البته توهان مان چڱو اهو آهي
جيڪو چڱا ڪم ڪندڙ آهي
اي انسانو!
جنهن وٽ ڪنهن جي امانت رکيل آهي
اهو ڪيس موٽائي ڏي
اوهان تي عورتن جا وڏا حق آهن
۽ عورتن تي به فرض آهي ته

هو بيحيائيءَ کان پاسو ڪن
اي انسانو!
منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو ۽ سمجهو
مون جيڪو ڪجهه اوهان وٽ ڇڏيو آهي
انهيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيندؤ
ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندؤ
اي الله!
تون ڏسين ٿو
مون تنهنجو پيغام پهچائي ڇڏيو. . .
- حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم
حجة الوداع جي خطبي تان ورتل، جنهن کي عالمي
منشور چيو ويندو آهي)

ڪھڙي ڪام ڪاپڙي، ٿا اھڙي رَوش رَون،
نہ ڪا دل دوزخ ڏي، نہ ڪي ٻھشت گھرن،
نہ ڪو ڪم ڪفارسين، نہ ڪا مسلماني من،
اُپا ائين چون، تہ پرين ڪجو پانھنجو!
(شاھہ لطيف)

ايمان سلامت ھرڪوئي منگي،

عشق سلامت ڪوئي ھو...

پيڙا مان مان پڙلاءُ اچي ٿو :

سَروَم

دُکم

دُکم





سوئي ڪم ڪريجي،

جنهن وچ

الله آپ ٻٽيجي . . . !

(سچل سرمست)



قدرت تنهنجي قادرا! ڏسي من ٺري،
ڪاٿي سلطانن سلطان ٿئين، ڪاٿي در در ڀيک ڪرين،
ڪاٿي لک لٽائين ڏينهن ۾، ڪاٿي ڪوڏيءَ ڪاڻ مرين،
ڪاٿي صورت جو سردار ٿئين، ڪاٿي موهين ذوق ذري،
ڪاٿي زور آور ظالم ٿئين، ڪاٿي ڏسي روپ ڏرين،
ڪاٿي البيلو اوڌوت ٿئين، ڪاٿي ٻُٽيءَ منجھ ٻرين،
من واٽيءَ ڪئون پري، آهي صفت تنهنجي صاحبا!
(سامي)



اڄ ته ڇڏي ڏي، اڄ ته ڇڏي ڏي، اڄ علي الاعلان،
منهنجو ڪوئي ناتُ نه آهي، مان هان بس انسان،
منهنجو ڪوئي ديس نه آهي، منهنجو ديس جهان!
(شيخ اياز)

فهرست

- عقيل عباس سومرو

- ڄڻ سچ اولهه مان اڀري رهيو آهي
  هيرو ٺڪر

- سامي، اياز ۽ زبير جو سنگم، تروينڊي، جهڙو
- ولي رام ولڀ

- سُر سامي ۽ ان جو شاعر
  نند جويري

- هي ڪتاب تہ بس هڪ نماڻي شرڌانجلي آهي
  زبير سومرو

- ساميءَ مٿ اپٽيا
  بيت

- ڏسٽي

سَتيم !

شِوم !

سُندرم

. . . ڇڻ اولهه مان سج اُڀري رهيو آهي !

سنڌ مان آيل **سامي ءَ مٿ اُڀيا** ڪتاب جو مسودو پڙهي پورو ڪيم، ته ائين لڳم ڇڻ اولهه مان سج اڀري رهيو آهي. نوجوان ڪوي زبير سومري جي هيءَ رچنا، سنت سامي صاحب ڪي شرڌ انجلي طور ڇيل آهي.

سامي سنڌي شاعريءَ جي مشهور ترِ مُورتي- شاهه، سچل، ساميءَ جو هڪ اٽوٽ حصو آهي. شاهه سچل ۽ سامي سنڌ جي سونهن آهن، ان جي سرهاڻ آهن، ان جو سهاڳ آهن. سندن شاعري سچ، سونهن ۽ سُنائيءَ جو هڪ خوبصورت سنگم آهي.

وچين زماني جي سنڌ، جنهن ۾ جاگيردارشاهيءَ جو بول بالا هو، دٻ ۽ ڌهڪاءَ جي ساري زوري هئي؛ جڏهن بادشاهن، نوابن ۽ اميرن پاڻ کي سٽين آسمان تي ويٺل پئي سمجهيو ۽ غريب کي خاڪ به نصيب نه هئي؛ جڏهن هندو پنڊتن ۽ مسلم مولوين انڌا اونڌا ويچ ٻڌجي وطن واسين جي ڪل ئي ڪاري چڏي هئي ۽ سنڌ جو عوام هڪ بي مثل سياسي، مذهبي ۽ اقتصادي بحران مان گذري رهيو هو- اهڙي وقت اسان جي هنن ڏاهن ۽ ڏات ڏڻين وقت جي نبض کي پرکيو؛ سنڌ جي اڳوڻي اوج ۽ عروج کي، سنڌ جي اصلوڪي فڪر ۽ فهم کي ياد ڪيو ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي اصلوڪين روايتن، پنهنجي مذهب ۽ پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ جي آگاهي ڏني. هنن پنهنجي سوچ ۽ لوچ، پنهنجي سڌ ۽ ساڃاهه، پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ سان ان لاءِ آڌت ۽ آسرو، سٻل ۽ سهارو مُيسر ڪيو. اهو سڀ هنن شاعراڻي ۽ فنڪاراڻي انداز سان ڪيو. پنهنجن سهڻن بيتن ۽ مڌر سلوڪن سان هنن سنڌي عوام کي پاڻ طرف ڇڪي ورتو ۽ انهن جي دلين مان دوئي مٽائي پنهنجو آپو ماري، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي خلقڻهار کي سڃاڻڻ جو درس ڏنائون.

اسان جا اِهي لاکيڻا شاعر نالي ۾ ڪري ٽي آهن، پر سندن سوچ ۽ سنيهو هڪ ئي آهي. توڙي ڪري شاهه ۽ سچل اِهو سنيهو تصوف جي ذريعي ڏنو ۽ ساميءَ ساڳي ڳالهه ويدانتي واٽيءَ ذريعي ذهن نشين ڪرائي، پر حاصل مطلب ٽنهي جو هڪ ئي آهي، جو آهي حق حقيقيءَ کي پرکيو، حقيقي ذات هڪ ئي آهي. شاهه جيئن پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو آهي ته:

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاءِ!

ساڳي دستور هنن ٽنهي شاعرن به اهڙو وکر وهايو، جو نهپئي پراڻو ٿيو آهي ۽ نهئي ولايتون بدليندي به انهن جو ڪو اثر گهٽيو آهي. سندن سنيهو هر زماني ۾ ۽ هر هنڌ تي ڪارگر آهي. اهو زمان ۽ مڪان جي ٻنڌن کان ڇٽل آهي.

اسان جي هنن شاعرن سنڌيءَ ۾ اهڙي نه ساهت- سِرجَ ڪئي، جنهن سان ان زماني جي سنڌي شعر کي سونهري دور وارو شعر سڏجڻ جو شرف مليو. هنن سنڌ کي اهڙو نه ماڻ ۽ مٽيا بخشي، جنهن سان سنڌ جو ڳاٽ اوچو ٿي ويو ۽ هميشه اوچو رهندو.

هنن ٽنهي شاعرن جو شعر اسان سنڌين جي ملهائتي ملڪيت ۽ اسان جو امولڪ ورثو آهي- ان ڪري اِهو فيض مند به آهي ۽ ضروري به آهي ته اسان اِنهن ٽنهي شاعرن سان پاڻ کي جڙيل رکون.

بهرحال، انهن شاعرن سان جڙيل رهڻ جي ضرورت جو ذڪر ڪندي، اها حقيقت به سامهون پيش اچي ٿي ته اسان پنهنجن اِنهن عظيم شاعرن سان ايترو نه نباهيو آهي، جيتري جا اهي، سنڌي جاتيءَ جي سچائپ هجڻ طور لائق آهن. وري به شاهه پٺائيءَ طرف اسان جو ڪجهه ڌيان ويو آهي، جيڪو گهڻو ٿو سنڌي جڳت تائين ئي محدود آهي. شاهه ان کان گهڻو گهڻو وڌيڪ توجه جي لائق آهي. ٺيڪ ته ائين ڪيندو هو ته شاهه جي رسالي جا وڌ ۾ وڌ ترجما انگريزي، هندي، اردوءَ ۽ ڀارت جي جدا جدا ڀاشائن ۾ ڇپائي پڌرا ڪجن ها. لائق ته اِهو آهي ته شاهه کي عالمي سطح تي هڪ نمايان شاعر ڪري اِستاپت ڪجي، پر اگر اِهو سولو نه آهي ته گهٽ ۾ گهٽ برصغير جي سطح تي هن کي سولائيءَ سان منظرعام تي آڻي سگهجي ٿو.

ڀارت جي هڪ وڏي اديب، ڏکڻ ڀارت جي ڪيرالا صوبي جي عالم آيپا پينڪر (Ayapa Payankar) جڏهن شاهه جي ڪلام جا ڪجهه ٽڪرا انگريزيءَ ۾ پڙهيا ته هن جون ڏندين آڱريون لڳي ويون ۽ سندس وات مان اچانڪ نڪري ويو:

"Shah Latif had no business to be born among. Sindhis, he deserved a wider audience."

سچل سائينءَ ۽ سامي صاحب طرف ته اسان جو ڌيان اڃا به گهٽ ويو آهي. تازو گذريل وقت ۾، خيرپور ۾ "سچل چيئر" برپا ٿيڻ، سچل جي ڪلام جي اوڪ ڊوڪ ٿيڻ سان ڪي قدر سچل سائينءَ ڏانهن به اسان جو ڌيان ويو آهي ۽ اميد ڪجي ٿي ته اِن ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ٿيندو. باقي اِن تموريءَ جي ٽئين شاعر- سامي صاحب کي ته اسان جڻ وساري ئي ڇڏيو آهي. شاهه ۽ سچل کي ياد ڪندو رهڻ ۽ سندن ڪلام کي ڦهلاءُ نهملڻ جو هڪ وڏو سبب اِهو به آهي، جو اِهي بزرگ، سنڌ جا فقط شاعر ئي نه آهن، پر ڪين وڏي درويشانه حيثيت به حاصل آهي. سندن درگاهون سنڌ ۾ واقع آهن، جن ۾ هزارين عقيدتمند پيرو پرين ٿا ۽ راڳ رنگ جي محفلن ۾ سندن ڪلام سان سبنڌ قائم رکندا اچن ٿا، پر ساميءَ جو ڪو به مندر، مٺ يا سمانڌ نه آهي ۽ نه ئي هن پنهنجو ڪو پنٿ هلايو، جو سندس ڪو پوئلڳن جو لڏو هجي.

ساميءَ جي شاعري، جنهن کي "سلوڪ" سڏجي ٿو،

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

تنهن ڏانهن ٻي رخيءَ ۽ ٻي ڏيانائيءَ جو هڪ وڏو سبب اِهو به آهي، جو اسان جو سنڌي سماج اڪثر تصوف يا صوفي مت ڏانهن مائل آهي. صوفي روايتن تي عمل ڪندڙ ۽ صوفيانه محاوري کي سمجهندڙ آهي، پر سامي صاحب پنهنجي سلوڪن ۾ ويدانتي فلاسافيءَ کي اظهار ڏنو آهي. جيتوڻيڪ تصوف ۽ ويدانيت وچ ۾ ڪو به فرق نه آهي: ٻنهي ۾ حق حقيقيءَ جي هيڪڙائيءَ ڏانهن نشاندهي ڪئي ويئي آهي: ٻنهي ۾ پنهنجي نفس کي ماري، پنهنجي انا کي ناس ڪري، پنهنجي خلقڻهار سان هيڪاند حاصل ڪرڻ جو درس ڏنل اهي. پر جيئن ته ويدانت هڪ نهايت ئي قديم فلسفو آهي، وچ ۾ گهڻائي زمانا ۽ گهڻا ئي فلسفا اچي چڪا اهن، ان ڪري اڄوڪي وقت ۾ ان جي مرم کي پروڙڻ ڪو سولو ڪم نه آهي، ان لاءِ وڏي اڀياس ۽ وڏي انڀو جي ضرورت آهي. ٻي هڪ ڏکيائي، جيڪا ساميءَ جي سلوڪن کي سمجهڻ جي راهه ۾ دشواري پيدا ڪري ٿي، سا آهي سلوڪن جي ٻولي. ساميءَ جي ٻولي اڪثر سنڌي شاعرن کان گهڻي نرالي آهي، ڇوته هڪ ته ان ۾ سنسڪرت ۽ هندي لفظن جي گهڻائي آهي، ٻيو ته ويدانتي فلاسافيءَ کي تز نموني اظهار ڏيندڙ ٽيڪنيڪي لفظ به استعمال ڪيل آهن، جن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ کان سواءِ ساميءَ جو شعر پڙهڻ ئي اجايو آهي.

سامي مذهب جي خيال کان هندو هو ۽ هن جنهن

books.sindhsalamat.com

ويدانتي فلاسافيءَ جي اپٽار ڪئي سا به هندو پيرائي تي ٻڌل آهي. ان کان سواءِ ساميءَ جي سلوڪن ۾ هندو ڌرمي ڪتابن- ويدن، شاسترن، ڀڳوت گيتا، مهاڀارت، هندو سنت ڪوين جا حوالا به بيشمار اچن ٿا. اِنهن ڳالهين ڪري اسان جا مسلم پاٺڪ، جيڪي هندو فلاسافيءَ ۽ هندو مذهبي روايتن کان غيرواقف آهن، تن لاءِ ساميءَ جي سلوڪن جو مڪمل لطف ماڻڻ ڏکيو آهي. مسلم پاٺڪ ئي ڇو، خود هندو پاٺڪ به اڄ ويدانت ۽ هندو مذهبي روايتن کان گهڻو تڻو ناآشنا آهن، جنهن ڪري ساميءَ جي سلوڪن جي پاٺڪن جو تعداد به ڪافي محدود ٿي ويو آهي. پنهنجي مسلم پاٺڪن جي محدودگين ۽ مجبورين کي نه سمجهي سگهجي ٿو ته اهي اهڙي ماحول ۾ اهڙن هندن تي رهن ٿا، جتي ويدانت ۽ هندو مذهبي روايتن ۽ ساميءَ جي سلوڪن جي پس منظر کي سمجهڻ لاءِ وسيلن هٿ ڪرڻ تي انهن کي رسائي نه آهي، پر اسان جا هندو پاٺڪ، جيڪي پليا نپنا ئي هندو وايومنڊل ۾ آهن ۽ اڻندي ويهندي ويدانتي واڻين کان به وقف ٿيندا رهيا آهن، تن جي ساميءَ جي ڪاويه (شاعريءَ) ڏانهن ٻي رخي سمجهه ۾ ايندڙ نه آهي.

ساميءَ جي سلوڪن تي شروعاتي دور ۾ جن عالمن ڪم ڪيو سو ڪيو! ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ، شري شانتي شهاڻيءَ ۽ پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻيءَ بيحد نور نچوئي هن املهه خزاني کي منظرعام تي آندو. سنڌ ۾ سائين

www.sindhsalamat.com

عبدالڪريم سنديلي صاحب ساميءَ جي سلوڪن تي اهڙو ته محنت ۽ جاکوڙ سان تحقيقي ڪم ڪيو آهي، جنهن کي ياد ڪري سنڌس ياد ۾ سر جهڪيو وڃي. اسان وٽ هند ۾ سرڳواسي قيمت هرسنگهاڻيءَ کي مڙيئي ساميءَ جي سلوڪن سان گهڻي محبت هئي ۽ هن ويهارو سال اڳ هڪ سيمينار به ساميءَ تي رکيو هو ۽ هڪ ڪتاب به ڇپايو هو، پر ان بعد هن ڏس ۾ گهڻو ڪجهه ڪونه ٿيو آهي. باميءِ يونيورسٽيءَ سو پنهنجي اندو پاڪ سيمينارن ۾ ڪي پيپر ساميءَ تي لکرايا آهن ۽ اهڙا به تحقيقي پيپر مون پڻ لکيا آهن*. باقي ٻيءَ طرح شانتي لڳي پيئي آهي. ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته جيئن ته هتي هند ۾ اسان جي عالمن ۽ اديبن کي ساميءَ جي فلسفي ۽ سنڌس سلوڪن جي پس منظر کي سمجهڻ لاءِ انيڪ وسيلا ميسر آهن، ته انهن کي پروفيسر پوجراج ناگراڻيءَ ۽ ڊاڪٽر سنديلي ۽ ٻين جي تحقيقي ڪارج کي اڳتي وڌائڻ کپندو هو، پر هتي اسان وٽ به اهڙين ڪوشش جي کوٽ رهي آهي.

اهڙي پس منظر ۾ مون کي جڏهن سنڌ مان، ڀاءُ زبير سومري جو ساميءَ جي سلوڪن ۽ ساميءَ جي شخصيت جي شان ۾ لکيل هي ڪتاب ’ساميءَ مٺ اپٺيا‘ مليو ته مان وائڙو ٿي ويس. وري جو ڄاڻ پيم ته اسان جو هيءُ ڀاءُ ڪو وڏيءَ عمر وارو بزرگ به نه آهي، جو پراڻي محاوري کان واقف هجي ۽ ساميءَ جهڙي گياني ڪويءَ جي ڪاويه سان سنڌس شناسائي هجي، تڏهن ته ويتر سنڌس لاءِ عزت ۽ آدر وڌي ويو. ساميءَ جي شاعريءَ لاءِ سُوجهه ٻُوجهه ۽ شناسائيءَ جا هتي هند ۾ انيڪ وجه هوندي به سنڌ جو هڪ نوجوان شاعر، ساميءَ جي سلوڪن کان ايترو متاثر ٿيو، جو هن ساميءَ تي هڪ سڄو سارو

* البت سنڌ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي، ”ساميءَ جا سلوڪ“ وستار سان ٻن ڀاڱن ۾ ڇپائي جس جوڳو ڪم ڪيو آهي ۽ تاج جويي به ساميءَ بابت به ڪتاب مرتب ڪيا آهن.

ڪتاب ئي شرڌانجليءَ طور شاعريءَ ۾ لکي ڇڏيو، اِن ڳالهه منهنجي من کي ڏاڍو ڇوريو- تڏهن ته هن مهاڳ جي آرنڀي (شروعاتي) پئراگراف ۾ لکيو اٿم ته ڪتاب پڙهڻ بعد لڳم ته اولهه مان سج اڀري رهيو آهي.

زبير سومري پنهنجي هن رچنا کي “شرڌانجلي” ڪري سڏيو آهي، پر غور سان اڀياس ڪري ڏسجي ته هي ڪتاب فقط شرڌانجلي نه آهي ڇو ته شرڌانجليءَ جي معنيٰ ٿيندي آهي، ڪنهن شخصيت ڏانهن صدق ۽ احترام رکندي، ان جي واکاڻ ڪرڻ، ان جي مداح ڳائڻ، ان ڏانهن احترام ڀرين جذبن جو اظهار ڪرڻ. پر زبير سومرو ڪوي ساميءَ ڏانهن شرڌا ظاهر ڪندي ڪندي، ايترو ته رنگ ۾ رچي ويو آهي، جو سنڌس رچناتمڪ شڪتيون (تخليقي قوتون) جاڳي اٿيون آهن ۽ ڪڏهن هو زمان ۽ مڪان جا مفاصلا پار ڪيو، ساميءَ واري زماني ۾، ساميءَ واري شڪارپور ۾ پهچيو وڃي ته ڪڏهن وري ان کان به صديون اڳ جي ويدانتي دور ۾ پهچيو وڃي. ڪڏهن شڪارپور جي ڳلين ۾ ڀٽڪندي هاٽي در وٽ هيمنداس جي مڙهي، جڳل پياري جو ٿان، اوجهو ۽ اوتارو پيو ڳولي:

سوا ساميءَ جي لڳي، هاٽي در ڪوجهو،
گهٽي ۽ اوجهو، مون کي لڳو اوپرو!

هاٽي در تي ڳوليون، پيرا ساميءَ جا،
پيرا ساميءَ جا، ڳٽيون مينگهراج ۾!

جڏهن شاعر ڪنهن موضوع ۾ کوهجي، پنهنجو پاڻ ڀلائي، پنهنجي تخيل جي دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو ۽ اهڙي بي خوديءَ

جي حالت ۾ پنهنجن جذبن جو جيڪو اظهار ڪري ٿو، اهائي سچي شاعري آهي. زبير جي رچنائن ۾ ڏسبو ته هو ساميءَ ۾ ايترو ته محو ٿي ويو آهي، جو هن کي ساميءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر ئي نٿو اچي. جتي ڪٿي هن کي سامي، ساميءَ جو پرڇانءِ پيار پريو سنديش، ساميءَ جو شهر شڪارپور جا اهي ناٽا نڪاٽا، جتي سامي رهيو ۽ هليو چليو، اهي پيا نظر اچن:

منهنجي روڳي روح ۾، سمايو سامي،
الا! اڏامي، وڃان ساڳئي دور ۾!

زبير سومرو خود به شڪارپور جو آهي، ان ڪري هن کي ساميءَ سان گڏ پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ شڪارپور سان به خاص محبت آهي، ۽ اها محبت ٿئي به چونه، جو گذريل وقت ۾ شڪارپور جي شهر جو اوج ئي پنهنجو هو. شڪارپورين جي رهڻي ڪهڻي، شڪارپورين جي اٿڻي ويهڻي، شڪارپورين جو راڳ رنگ لاءِ پيار، ايتري قدر جو هوليءَ جي موقعي تي اهي خاص سنگيت جو هاندو ڪندا هئا، جنهن ۾ ڀارت جي مختلف هندن تان وڏن وڏن ڳوين کي نيندون ڏئي گهرائيندا هئا. شڪارپور وارن جي ساهت ۽ ڪلا لاءِ سڪ ۽ محبت به ظاهر آهي. شيخ اياز جهڙا اعليٰ ترين درجي جا شاعر به شڪارپور جي زمين تي ئي پيدا ٿيا، جن شڪارپور جي نالي سان نباهيو ۽ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ شڪارپور ۾ ئي نه، سڄيءَ سنڌ اندر ئي نه، سنڌ کان ٻاهر پڻ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

هتي مان شيخ اياز جي ساميءَ لاءِ سڪ ۽ چڪ جو جو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان. شيخ اياز کي ساميءَ جي سلوڪن سان بيحد پيار هو. مون کي ياد آهي ت سٺ واري ڏهاڪي ۾ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ڪتاب ۾ هن "سامي سنڌ جون صديون آهي" عنوان سان هڪ مضمون لکيو هو، جنهن هند ۾ گهڻن جو ڌيان ڇڪايو هو. مون کي به اهو ليک ايترو ته وڻيو هو، جو مون ور ور ڪري پڙهيو هو. شيخ اياز ساميءَ کي مخاطب ٿي انيڪ بيت به لکيا آهن، جن مان ڪن ۾ ته ساميءَ جي جوڳ ويراڳ واري فلاسافيءَ سان متڀيد ڏيکاري ڪيس ڏوراپا ڏنا اٿس، ته ههڙي سهڻيءَ دنيا کي ڇو تياڳيو ۽ ٻين کي به دنيا تياڳڻ جو ڏس ڇو پيو ڏين. پر ڪيترن هنڌن تي وري اهڙو به اظهار ڪيو اٿائين ته جڏهن به زندگيءَ جي راهه ۾ ٿڪجي پوندو آهي ته ساميءَ کان ئي سامر گهرندو آهي. "پتڻ ٿو پور ڪري" ۾ هينيان ٽڪرا ڌيان ڇڪائيندڙ آهن:

اي سامي!
مان پنهنجي هر سنگي ساٿيءَ مان ڪٽ ٿي پيو آهيان،
مون کي پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وٺي هل!
اي سامي! مون کي ڪنهن به ڏک سک کان سواءِ
رڳو انهيءَ امٽ انيٽو سان وٺي هل ته
سڀ ڪجهه سپنو آهي...!

شيخ اياز جا اهڙا انيڪ بيت ۽ ليک گڏ ڪري ياءُ تاج جويي سامي ۽ ويس سلوڪڙا نالي ڪتاب ۾ شايع ڪيا آهن، جنهن لاءِ تاج وڏو جس لهڻو!

سامي ۽ تي لکندي، زبير سومري پڻ شيخ اياز وانگر ئي سامي ۽ سان اورون ويهي اوريون آهن، هن سان پنهنجي اندر جو حال به ڪيو اٿائين ته سامي ۽ جهڙي ايڪانت ۽ هيڪاند حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حسرت به بيان ڪئي اٿائين.

سامي! تنهنجيءَ سنڌ ۾، اڄ نه ڇو ايڪانت،
ڪاڏي وئي ويدانت، ڪاٿي آهي شانتي!

زبير پنهنجن بيتن ۾ پنهنجي ڳوڻائي شيخ اياز کي به دل سان ياد ڪيو آهي:

ڪڏهن ساميءَ جا ڪڏهن، اياز جا ڳذر،
هئه ڙي هاٿي در، تنهنجا جوپين ڏينهڙا!

انهن سڀني ڳالهين جي مدنظر، هيءُ ڪتاب هڪ معمولي شرڌانجلي نه، پر چڱو خاصو معياري ڪاويه- پُستڪ بڻجي پيو آهي.

سڀ کان وڏي ڳالهه نه اِها آهي ته سنڌي شاعرن جي نه مورتيءَ جي هڪ وسارِيل شاعر ڏانهن نئين ٿهيءَ جي هڪ نوجوان شاعر ايترو ڌيان ڏنو آهي، جو ان تي سڄي جو سڄو ڪتاب ۽ سو به شاعريءَ ۾ ويهي لکيو اٿائين.

زبير سومري جي هيءَ ڪوشش لاشڪ ساراهه جوڳي آهي ۽ اميد ته هند سنڌ جي اڃا به وڌيڪ اديبن، خاص طرح نوجوان ٿهيءَ وارن ليکڪن کي سامي صاحب جو مطالعو ڪرڻ ۽ سامي صاحب جي شاعريءَ، فلسفي ۽ زندگيءَ بابت قلم آزمائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي.

ـ هيرو ٺَڪر

نئين دهلي

20 اپريل 2005ع

سامي، اياز ۽ زبير جو سنگم،
تِرويڻيءَ* جهڙو . . .

ولي رام ولڀ

دنيا جا سمورا عالم، دانشور، گياني ۽ وگياني انهيءَ ڳالهه تي سهمت آهن ته علم، عرفان ۽ وجدان جا سڀ کان آڳاٽا سرچشما ويد آهن، جيڪي اڄ کان پنج هزار ورهيه کن اڳ هن ڌرتيءَ جي رشين، مُنين ۽ آچارين سنڌو درياهه جي ڪنارن تي سرجيا ۽ رچيا هئا، جن جي ڄاڻ ۽ سکيا جو اولڙو، هن خطي جي هر ٻوليءَ جي ساهت ۾ ملي ٿو.

ويدن جي دور کان پوءِ اُپنشدن جي اپٽار درشٽانتن، ڪهاڻين ۽ آکاڻين وسيلي ايتري ته عام ٿيل آهي، جو هتان جي ماڻهن جي ذهنن ۾ پيڙهي در پيڙهيءَ چٽيل آهي، جنهن جو ذڪر پراڻن، رامائڻ ۽ مهاڀارت ۾ جابجا ڪيل آهي، جنهن ان جي هڪ حصي طور شامل ڪيل ڀڳوت گيتا کي ايشور جو ازلي گيت ڪوٺيو ويو آهي.

* - تِرويڻي (Trivini): گنگا، جمنا ۽ سرسوتي ندين جي سنگم وارو هنڌ - پرياگ (الهآباد)، جيڪو هندن جو هڪ وڏو تيرٿ استان آهي.

انهيءَ دور جي فلسفي ۽ سماجي زندگيءَ تي ان جي اثر کان پوءِ، ان جي ردعمل طور گوتم ٻڌ جي نالي سان منسوب ٻڌ ڌرم جي شروعات ٿي، جنهن هتان جي گيان ۽ سماجي زندگيءَ تي دور رس ۽ ديرپا اثر ڇڏيا. هندو ڌرم جي ودوانن، عالمن ۽ فيلسوفن، ٻڌ ڌرم کي هندو ڌرم لاءِ وڏو هاڃو سمجهيو، تنهن ڪري انهن ٻڌ ڌرم جي روحاني پهلوءَ کي ڇڏي، باقي سموري سکيا کي هندو ڌرم جو حصو بنائي ڇڏيو ۽ ٻڌ ڌرم کي هندستان مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. نتيجي ۾ پوجا پاٺ جي سختين جي جاءِ تي ٻڌ ڌرم جو اهنسا وادي (عدم تشدد) فڪر هندو ڌرم ۾ عام ٿيو ۽ وقت جي راجائن ۽ مهاراجائن پنهنجي پنهنجي راڄ ۾ لبرل طريقو رائج ڪيو.

اتر هندستان، جنهن ۾ اسان جي سنڌ جو خطو، وقت جي مختلف حاڪمن جي ايامڪاريءَ ۾ ڪڏهن وسيع ته ڪڏهن موجوده صورت ۾ رهندو پئي آيو، هندو ڌرم جي ويدانت ۽ ٻڌ ڌرم جي اهنسا واد فڪر جي مک اصولن هيٺ رهيو، جن جي فلسفي جو گڏيل اثر اڄ به سنڌ جي ماڻهن جي سماجي زندگي ۽ ڪلچر مان پڌرو آهي. هتان جي ماڻهن ۾ اڃا به اهڙيون رسمون رائج آهن، جن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اهي ويدانت جي سکيا ۽ مجتا جي اثر ڪري آهن ۽ ماڻهن جي سڀاءَ ۽ مزاج ۾ عدم تشدد، امن ۽ آشتيءَ جو اثر ٻڌ ڌرم جي سکيا جو نتيجو آهي.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اها تاريخي حقيقت آهي ته سنڌي ماڻهن ڪڏهن به ٻئي ملڪ تي حملو نه ڪيو ۽ حڪومت به رعيتي راڄ جي طرز تي هلائي، نتيجي ۾ اهي اڄ به صلح ڪل جا معتقد ۽ عامل آهن. اسلام جي اچڻ کان اڳ، سنڌ ۾ برهمڻ جو راڄ هو، جن جي اعتقاد جو سرچشمو ويدانت هو. جڏهن ته ان کان اڳ راءِ گهراڻي وارن راجائن جو تعلق ٻڌ ڌرم سان هو، جن جي دور ۾ قائم ڪيل يادگارن، مٺن، وهارن وغيره جا نشان سنڌ جي مختلف هنڌن تي پکڙيا پيا آهن.

نندي ڪنڌ جي ساهت جو پهريون روپ ويدڪ منترن مان ملي ٿو. ويدڪ ڪوين پنهنجي واڻي ويدن ۾ لکي، تنهن ڪري انهيءَ دور ۾ فلسفي ۽ ساهت جي گڏوگڏ اوسر ٿي. ان وقت جي ساهت جا مکيه موضوع هئا- اندو اعتقاد، ڏيپ، دعائون، يگيه وغيره. ڪوتائن ۾ آهستي آهستي فلسفي جو جز وڌندو ويو، جنهن ۾ ڀڳتيءَ جو عنصر نج ڀارتي آهي ۽ محبت جي تڙپ صوفين مان آئي، جڏهن ته يوگ تي ناٿ پنٿ جو اثر آهي.

ويدانت جي اپٽار اپنشدن ۾ ٿيل آهي ۽ ويدانت کي اپنشدن جو تت چيو ويو آهي، ان ڪري ويدانت جي معنيٰ آهي اپنشدن جو گيان. ويدانت جي قائم ڪرڻ ۾ ڪيترن ئي ويدانتي فرقن جو عمل دخل آهي. انهن مان شنڪر آچاريه ۽ رامانج جا نالا سڀ کان اهم آهن. شنڪر آچاريه جي فلسفي کي ادويت (Non Dualism) يعني وحدانيت جو فلسفو چيو ويندو آهي، جنهن کي تصوف جي فلسفي جي ويجهو سمجهيو ويندو آهي، ۽ جنهن جي نمائندگي **"تت توم اسي"** (**اهو تون آهين**) ۾ ملي ٿي. ان کان پوءِ چيو ويو **"اهم برهم اسمي"** (**مان برهم آهيان**). ويدانت ۾ ڀڳتي ۽ يوگ وغيره جو ميلاپ ٿئي ٿو، پر گيان جي اهميت وڌيڪ آهي. شنڪر آچاريه جي ادويت واد سماج کي سماج جي ڪٽڻ اصولن کان نجات ڏياري، پر رامانج انساني سماج کي چئن مکيه ذاتين ۾ ورهائڻ جي پنيرائي ڪندڙ سڀني انسانن جي دل ۾ هرشخص لاءِ محبت پيدا ڪئي ۽ عوام جي حقن جي حفاظت ڪئي.

تاريخي لحاظ کان "ڀڳتي ڌارا" يا "ڀڳتي هلچل" جو اوائلي روپ ڏکڻ ڀارت ۾ پيدا ٿيو، جتي تامل پربگٽي ۾ ڀڳتن جو هڪ اهڙو گروهه پيدا ٿيو، جن پرماتما جي حاصلات لاءِ گيان مارگ، ڪرم مارگ، ۽ پريم مارگ جي پيٽ ۾ ڀڳتي مارگ کي ترجيح ڏني. انهن پنهنجن عقيدتي رچنائن ۾ ڀڄن ۽ ڪيرتن ڪرڻ کي ئي ايشور جي حاصلات جو طريقو سمجهيو. ڏکڻ هندستان ۾ پيدا ٿيل اها ڀڳتي روايت تيرهين صديءَ ڌاري سنت نامديو ذريعي اتر ڀارت ۾ پکڙي ۽ اتي ئي پنهنجي جوبن ۾ آئي. انهيءَ هلچل جي پکڙجڻ جا ڪيترائي ڌرمي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي سبب هئا. جيئن ته ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ مسلمانن جو راڄ قائم ٿيڻ سان ڌرمي توازن بگڙي ويو هو، هندو عوام جي سامهون سندن ديوتائن جا مندر ڊاٺا ويا هئا، پر هو احتجاج ڪري نه سگهيا. وقت جا حاڪم ۽ امير عياشين ۾ مشغول

هئا، رعيت ڏانهن سندن رويو لاپرواهيءَ ۽ دٻاءَ وارو هو، تنهن ڪري سندن دل ۾ مايوسيءَ وارو لاڙو پيدا ٿيو. هندو پنڊت ۽ مسلمان مولوي رڳو ٻاهرين ڌرمي ۽ مذهبي رسمن جي ادائگيءَ تي زور ڏيڻ لڳا هئا، نتيجي طور ڌرمي يا مذهبي جذباتي اظهار جو عمل دٻجي ويو هو. اهڙيءَ حالت ۾ وٽن اپائُهار کي ٻاڏائڻ کان سواءِ ڪو رستو نه هو. اهڙين ئي حالتن اتر هندستان ۾، جنهن ۾ سنڌ به اچي وڃي ٿي، ڀڳتي هلچل کي جنم ڏنو. سنڌ ۾ سڌ نو ڀڳت، قاضي قادن، شاهه لطيف ۽ سامي اتر هندستان ۾ رائداس، ڪبير، سورداس ۽ تلسيداس بنگال ۾ جڏديو ۽ چئتنيه: راجستان ۾ دادو ديال، ميران ٻائي ۽ سندرداس، گجرات ۾ نرسي ڀڳت، پنجاب ۾ شيخ فريد، نانڪ، انگد ۽ ٻيا انيڪ سنت ڪوي پيدا ٿيا، جن عوام جي ڀڏندڙ دلين کي سهارو ڏيڻ لاءِ ڀڳتي ڀاونا جو ڦهلاءُ ڪيو. آهستي آهستي انهيءَ لاڙي هڪ وسيع هلچل جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن جهڙي تحريڪ هندستان ۾ ڪڏهن به نه هلي هئي.

سنڌي ادب جي تاريخ، معلوم تاريخ موجب لڳ ڀڳ پنج سؤ سال کن پراڻي آهي، جيڪا سورهين صديءَ کان شروع ٿئي ٿي. پنج سؤ سالن تي ڦهليل هن تاريخ کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو-

پهريون دور سورهين صديءَ کان اوڻهين صديءَ جي اڌ تائين يعني ساڍن ٽن سؤ سالن تي ڦهليل آهي. هن دور کي صوفي سنت دور يا روحانيت وارو دور ڪوٺي سگهجي ٿو، جنهن ۾ رڳو نظمي رچنائون آهن. هن دؤر جا مکيه شاعر- قاضي قاضن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، روحل، مراد، دلپت، بيدل، بيڪس وغيره آهن. انهن شاعرن پنهنجي شعر ۾ روحانيت جي راز کان سواءِ سنڌي عوام جي دکن ۽ دردن جو به بيان ڪيو آهي.

ٻيو دؤر اڻوهين صديءَ جي وچ کان وٺي 1947ع ۾ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين آهي، جنهن ۾ سنڌي ادب پروان چڙهيو ۽ ترقيءَ جون منزلون ماٽيون.

ٽئين دؤر کي ويهين صديءَ جي خاتمي تائين چئي سگهجي ٿو، ٻيو ۽ ٽيون دور نثري ادب جي عروج جو اولڙو پسائين ٿا، جنهن ۾ سنڌي شاعري پنهنجي ڪلاسيڪي ۽ صوفيانه شاعريءَ کان نڪو ناتو ٽوڙيو ۽ نه وري منهن موڙيو، ايتري قدر جو ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ نسرندڙ ۽ اوج ماٽيندڙ شاعر شيخ اياز پنهنجو اظهار ڪلاسيڪي شعري گهاڙيٽن، استعارن ۽ ترڪيبن ۾ ترجيحي طور تي، سورمين کي نئين سر جيئارو ڇڏيو آهي.

هتي منهنجو مقصد پهرئين دور جي سنت ڪوين ۽ صوفي شاعرن کي بيان ڪرڻ آهي، جو اهوئي دور آهي، جنهن ۾ هندو سنتن ڀڳتي ڌارا جي نمائندگي ڪئي ۽ مسلمان شاعرن تصوف کي

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بيان ڪيو. ڪٿي هندي شاعرن تصوف جي رنگ ۾ ڪويتا رچي ته ڪٿي مسلمان شاعرن ڀڳتيءَ جي رنگ ۾ رڱجي شاعري ڪئي.

شڪارپور، سنڌ جو اهو شهر آهي، جنهن کي پنهنجو تاريخي پسمنظر، ڳالهائڻ جو لهجو، رهڻي ڪهڻي ۽ رويو آهي. انهيءَ شهر جي خمير مان ڪيترين ئي اهڙين هستين ۽ شخصيتون اڀريون، جن سياسي، سماجي ۽ ادبي ميدان ۾ بيشمار ڪارناما سرانجام ڏنا ۽ پنهنجي سرزمين جو مان مٿانهون ڪيو ۽ ناماچار ڪڍيو. انهن ۾ خاص طور سامي چيُن راءِ لنڊ جو نالو هميشه ياد رکيو ويندو، جنهن پنهنجي گوشه نشينيءَ جي عالم ۾ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي ڪوتا - رچنا جي ڏات جو ڪين دان ڏئي ڇڏيو. سندس رچيل سلوڪ، جيڪي ساميءَ جا سلوڪ[1] جي نالي سان مشهور ٿيا، ان وقت جي اڪثريتي آباديءَ جي واپومنڊل ۽ ڌرمي پس منظر ۾ لکيا ويا هئا، جن مان ڪيترائي ضايع ٿي ويا يا گمناميءَ جي اونڌهه ۾ سرعام پڌرا نه ٿي سگهيا، جن تي اڄ به کوجنڪين جو ڪم هلي رهيو آهي. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو تضاد يا تنازعو نه آهي ته ساميءَ جون سلوڪن جي صورت ۾ رچنائون عام انسان جي روزمره جي

١- ”ساميءَ جا سلوڪ“ ڪوڙيمل چندن مل کلناڻي 1844 1916ع) 1885ع ۾ پهريون پيرو عوام آڏو آندا.

وهنواري زندگيءَ ۽ آتمڪ زندگيءَ جي باري ۾ ويدن ۽ تصوف جي پس منظر ۾ رچيل آهن ۽ مجموعي طور انسان ذات جي اندروني شڪتين جي واڌاري لاءِ آهن. ڪڏهن ڪڏهن سلوڪن جي باري ۾ اهو چوبول ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته منجهن پيش ڪيل گيان ۽ ڌيان جون ڳالهيون اجوڪي سنڌ جي اڪثريتي آباديءَ جي عقيدي سان نهڪي نه ٿيون بيهن، هندواڻيون ۽ اوپريون آهن؛ پر تصوف ۽ ويدانت جو سنڌيش سڀني لاءِ ساڳيو ئي آهي: سرشٽيءَ جي رچنا پويان هڪ ئي قوت ڪارفرما آهي ۽ اها هر انسان لاءِ ساڳي ۽ هڪ جهڙي آهي.

انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته شاهه ۽ سچل سان گڏ ساميءَ جي شاعريءَ جون پاڙون هن ڌرتيءَ ۾ ايتريون ته اونهيون آهن، جو تنهي کي هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. اسان تنهي کي سنڌي شاعريءَ جو روح سمجهون ٿا ۽ ڪين ٽمورتي ڪوٺيون ٿا، پر سامي ٻين شاعرن کان مختلف ۽ نرالو آهي. شاهه ۽ سچل تي بيشڪ ويدانتي اثر آهي ۽ هو ڀارتي فڪر ۽ فلسفي کان واقف هئا، پر اهي مکيه طور تي صوفي شاعر آهن، جڏهن ته سامي سڌو سنئون ويدانتي ڪوي آهي، جنهن جي سلوڪن تي ڀارت جي سنت ڪوين وانگر ويدن، اپنشدن، شاسترن، ڀڳوت گيتا ۽ شريمد ڀاڳوت جو اثر ملي ٿو، ڇو جو اهي ئي پستڪ وچئين زماني جي ڀارتي سنت ڪوين جي شعور ۽ شعر جي تخليق جو آڌار رهيا آهن. ان نقطه نظر کان سامي نه رڳو شاهه

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

کان، پر وچئين زماني ۾ پنهنجي دور جي ذري گهٽ سڀني سنڌي شاعرن کان نرالو ۽ الڳ آهي.

هيرو ٺڪر ساميءَ جي سلوڪن ۾ سنڌ ۽ ڀارت جي شاعريءَ جي ڌارائن کي سمجهائيندي لکي ٿو:

”جيڪي ڳالهيون ساميءَ کي ٻين سنڌي شاعرن کان نرالو ۽ الڳ ڪري بيهارين ٿيون، سي ٿي وري سامي صاحب جي شعر ۽ ڀارتي سنت ڪاويه وچ ۾ ساڳيائيءَ ۽ هڪجهڙائيءَ ڏانهن نشاندهي به ڪن ٿيون. جتي جتي سامي اسان کي ٻين شاعرن کان الڳ ۽ دور نظر اچي ٿو، اتي اتي ڀارتي سنت ڪوين جي قريب ۽ انهن سان ڳنڍيل ملي ٿو.“

(ڀارتي سنت ڪاويه ۾ ساميءَ جو استان: ” تحقيق ۽ تنقيد“

حيرت ائون هاسو، اچي هڪ اچرج ٿي،
سائي ڦولهي آتما، ڪنڌ کي پتاسو،
ڳهٽو ڍونڍي سون کي، مٽيءَ کي ڪاسو،
پاٽي پياسو، سامي رهي نت نير جو!

(هو عجوبن جو عجوبو آهي، پاڻ پنهنجي ڳولا ۾ آهي، جيئن ڪنڌ مصريءَ جي ڳولا ۾ هجي، اهو ائين آهي، جيئن زيور سون جي ڳولا ۾ هجن؛ ٺانءُ انهيءَ مٽيءَ کي ڳوليندو هجي، جنهن مان اهو ٺهيو آهي، پاڻي، پاڻ پاڻي هوندي، پاڻيءَ لاءِ اڃيو هجي)

ساميءَ جو سنڌيش اتر سنڌ جي علائقي جي ڌرمي استانن، مندرن، ٽڪاڻن ۽ گردوارن ۾ سلوڪن جي صورت ۾ پڙهڻ ۾ هرڪو ڌرمي طور چاهه وندو آهي، پر اهو درست آهي ته لطيف، سچل ۽ ٻين صوفي فقيرن ۽ شاعرن کي جيئن، جنهن جذبي ۽ لگن سان متبرڪ سمجهي، هندو پڙهندا آهن، تيئن ساميءَ کي مسلمان نٿا پڙهن. ورهاڱي کان اڳ، ۽ ان کان پوءِ به، درسي ڪتابن ۾ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي ڪلام سان گڏ ساميءَ جا سلوڪ پڙهيا ويندا هئا، جيڪي ان وقت جي مسلمان شاگردن کي اڄ تائين ياد آهن، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ساميءَ جا سلوڪ درسي ڪتابن مان ڪڍي ڇڏڻ ڪري، مسلمانن کي پڙهڻ کان محروم رکڻ سان گڏ هندن کان به پڙهڻ جو موقعو کسيو ويو آهي. پر اتر سنڌ مان ڀارت لڏي ويل هندو توڙي انهن علائقن ۾ جتي هندو رهجي ويا آهن، اهي اڄ به مذهبي عقيدي طور ساميءَ جا سلوڪ پڙهندا آهن. مون کي ياد آهي ته اڄ کان ٽيهارو ورهيه کن اڳ هڪ پيري آءٌ بس ۾ جڏهن ٺٽي آدم ڏانهن وڃي رهيو هوس، ته هڪ شخص، جيڪو مسلمان هو،

شاهہ لطيف جي ڪلام جو ائين ورد ڪري رهيو هو، ڄڻ تہ قرآن شريف جي سورة رحمان پڙهي رهيو هجي.

نوجوان شاعر زبير سومري سان منهنجي ملاقات پنج ورهيہ ڪن اڳ جي آهي، جڏهن هو سنڌي غزل جي اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر وفا ناٿن شاهيءَ سان گڏجي، مون سان ملڻ لاءِ منهنجي گهر آيو هو ۽ ڪچهري ٿي هئي. ان کان پوءِ ساڻس ملاقاتن جو سلسلو وڌندو ويو ۽ ادب جي مختلف موضوعن ۽ پهلوئن تي خيالن جي ڏي وٺ سان ويجهائپ وڌندي وئي، جيڪا اڄ تائين قائم آهي. سندس باري ۾ اول رڳو ايتري سڌ هيم تہ هو شاعري ڪرڻ سان گڏ اخبارن ۾ ليک ۽ ڪالم لکندو آهي ۽ ادبي گڏجاڻين ۽ تقريبن ۾ بہ سرگرم آهي، پر سندن شاعريءَ جو ڪو مجموعو ڇپيل نہ هئڻ سبب ۽ رسالن ۾ ورلي ڇپجڻ ڪري، ان بابت مون وٽ ڪا خاص راءِ نہ هئي. پر جڏهن ماهوار پريم ساگر جي ”سامي نمبر“ (نومبر- ڊسمبر 2001 جي مواد سهيڙڻ دوران سندس ڪافي تعداد ۾ بيت ”ساميءَ مٿ اپٽيا“ جي عنوان سان منهنجي آڏو آيا تہ انهن جي تاثير مون کي موهي وڌو، جو جهڙو هو انهن جو عنوان، تهڙا هئا منجهس پيش ڪيل خيال ۽ انهن جي تازگي ۽ سادگي. هڪ ڏينهن زبير انهيءَ مجموعي جو مسودو مون وٽ کڻي آيو ۽ ٻڌايائين تہ هن اهي سوا ٻہ سؤ بيت ٻن ويهڪن ۾ لکي پورا ڪيا آهن، جن جو مون کي مهاڳ لکڻو آهي.

مون جڏهن سندس بيتن جو جائزو ورتو تہ ڏٺم تہ سندس بيت بہ ساميءَ جي سلوڪن جي گهاڙيٽي ۽ ڇند جي بندش ۾ لکيل آهن، جن جو سلسلو ننڍي کنڊ جي سنت ڪاويہ جي رچيندڙ ڪوين کان ٿيندو، قاضي قاضن، شاهہ ڪريم، شاهہ عنات، شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست کان وٺي، شاعرن جي هڪ وڏي ڪيرڏارا جي صورت ۾ شيخ اياز تائين پهچي ٿو، جن ۾ ويدانت جي واٽيءَ ۽ تصوف جا ترنگ آهن، پر ”سر سامي“ رڳو شيخ اياز رچيو، جنهن ۾ هو ڪڏهن ساميءَ جي ويدانتي ۽ ڀڳتي ڌارا ۾ وهندي نظر اچي ٿو، تہ ڪٿي ائين اختلاف ٿو ڪري، جيئن لطيف سر رامڪليءَ يا سر کاهوڙيءَ ۾ سامين ۽ سندن پنڌ کي ڪوڙو ڪوني ٿو ۽ ساڻن گڏ اريل گهڙين کي ”سکر سيئي ڏينهن“ طور ياد ڪري هنجون بہ هاري ٿو. پر شيخ اياز، فلسفي ۽ فڪري اختلاف کي ڇڏي، پنهنجن مضمونن، تقريرن ۽ بيتن ۾ ساميءَ کي شاهہ ۽ سچل سان ڳنڍيو، سنڌ جي انهيءَ ٽمورتيءَ کي اڻ ڇڄندڙ ورثو ڪوٺيندي چيو آهي:

”سامي اسان جي ادب جو اڻٽوٽ حصو آهي. هن کي وسارڻ جو سبب اهو آهي تہ اسان انهيءَ ٻوليءَ کي وساري چڪا آهيون، جا سامي ڪم آندي آهي. بازار ۾ ساميءَ جا سلوڪ ناياب آهن، نہ رڳو ويدنت جي فلسفي ۾ دلچسپي نہ رهي آهي، پر تصوف ۾ بہ گهٽجي رهي آهي. پر پوءِ بہ

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سامي اسان جو ائين ورثو آهي، جيئن پٽائي اسان جو ورثو آهي.“

(خط، انٽرويو ۽ تقريرون)

سامي ۽ شيخ اياز هڪ ئي ڳوٺ شڪارپور جا هئا ۽ ساميءَ، اياز ۽ زبير جي وچ ۾ جيڪا خاص هڪجهڙائي آهي، اها آهي شڪارپور. ساميءَ کي شيخ اياز رڳو ڳوڻائي هجڻ ڪري خراج نه ڏنو آهي، پر هن ساميءَ جي ڪلام ۾ لطيف ۽ سچل جو ساڳيو سنديش پسي لکيو هو:

سامي بہ مايا لاءِ ”مايا ڏائڻ ڏندري“ يا ”مايا ڏوتي“ لکيو آهي، ۽ وحدت جو اپديش ڏنو آهي، ان ڪري هو شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ سنڌ ۾ ڪلاسيڪي شاعرن جي ٽمورتيءَ ۾ ٽهڪي اچي ٿو.

(ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر)

اها مڃتا سندس ڪافي بيتن ۾ نظر اچي ٿي:

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهہ،
منهنجي من ۾ ڇوليون ماري، سنڌو تنهنجو ساهہ!

(پؤنئر پيري آڪاس)

آءُ! اسان جي آسٽين، بنا ڇپر ڇانو،
سچل، ساميءَ، شاهہ جا، جهڙ ڦڙ جهڙا نانو،
ڪوريءَ هاٿا هانو، آءُ تہ ٿانئيڪو ٿئين!

(وڄون وسڻ آئيون)

جي تون شاهہ لطيف جو، سامي تنهنجو پاءُ،
ساميءَ سان سرچاءُ، ناممڪن ناهي پرين!

(اڪن نيرا ڦليا)

اهڙا بي شمار بيت ۽ ساميءَ جي سنمان ۾ ڳالهايل لفظ ۽ تقريرون شيخ اياز جي شاعريءَ جي مجموعن ۽ نثر جي ڪتابن ۾ ائين پکڙيون پيون آهن، جيئن صوفيءَ جي من ۾ وحدت جو وجود. سنڌي شاعريءَ جي ڪير ڌارا ۾ سامي پنهنجي طرز جو اڪيلو شاعر آهي، جنهن ويدانتي واٽي سنڌيءَ ۾ سٽائي آهي، جنهن جو پڙلاءُ ساڳيو وحدت وارن موحدن جهڙو آهي، جنهن جي شروعات تاريخ کان بہ اڳ واري دور کان ٿئي ٿي.

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ کي سنڌيءَ جي سمورن اساسي/ ڪلاسيڪي شاعرن جو تسلسل ڪوٺيو آهي ۽ شاهہ لطيف جي حوالي سان چيو اٿس تہ ڪانئس پوءِ سندس ئي شعرن کي آيتن جي حيثيت حاصل ٿيندي. سندس شاعريءَ مان ڪٿي ڪٿي ساڻس برابريءَ جي دعويٰ جو پڙاڏو ملي ٿو تہ ڪٿي پير- پٽي هجڻ جو بہ. پر هر وڏو شاعر پنهنجي دور جو

وڏو شاعر هوندو آهي ۽ ڪنهن به دؤر جي وڏي شاعر کي ٻئي دور جي وڏي شاعر سان ڀيٽ نه ٿي ڪري سگهجي. بقولِ اياز:

”مون اوهان کي شاعريءَ ۾ ٻڌائي، سچل ۽ سامي
به ڏنو آهي ته ايڪويهين صدي به ڏني آهي.“
(جر ڏيئا جهمڪن)

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته شاه سچل ۽ ساميءَ کان پوءِ واري دور کان ويهين صديءَ جي خاتمي تائين جي وچوني شيخ اياز هڪ ٻرانگهه سان ختم ڪري ڇڏي.

سامي ۽ اياز جي ٽئي ڳوڻائي نوجوان شاعر زبير سومري پنهنجو سلسلو هن بيتن جي مجموعي ”سامي مٺ اپٽيا“ سان شروع ڪيو آهي. اهو سامي، شيخ اياز ۽ زبير سومري جي تسلسل جو عجيب، خوش آئند ۽ سهڻو سنجوڳ تروينيءَ جهڙو آهي. زبير پنهنجن بيتن کي ساميءَ جي انهيءَ مٺ سان جوڙي ٿو، جنهن ۾ هو پنهنجا سلوڪ وجهندو ويندو هو:

سامي! مٺ اپٽ تون، پريم مڌ پيئون،
جوڳي ٿي جيئون، پسون پنٿ پريم جا!

صوفي ساڌو سنت سڀ، جوڳيئڙا ايندا،
ٿانيڪا ٿيندا، ساميءَ مٺ اپٽيا!

پهريائين پريم جا، ساميءَ مٺ اپٽيا،
تنهن کان پوءِ سٽيا، اسان سک سنسار جا!

ويراڳ ۽ تياڳ جا، سامي مٺ اپٽيا،
گهتجي ڪين گهٽيا، پوءِ به ڏک سنسار جا!

ساميءَ مٺ اپٽيا، امرت پياريا،
جوڳيءَ جياريا، سک ٿيا سنسار ۾!

ساميءَ مٺ اپٽيا، پيتو امرت جل،
اوديا اجل، لڳو سندس لوچ مان!

امرت ڍڪ پيئان، سامي! اپٽِ مٺ،
ڪجه ته جِيان جهٽ، هيڏيءَ هن حيات ۾!

سامي اپٽي مٺ، ڪئي سلوڪن اپٽار،
ڇه اٿارنهن چار، سمجهاياڻين سنڌيءَ ۾!

وديا امرت سان پريل، سامي! تنهنجا مٺ،
جيون لڳو جهٽ، لوچ مدامي سوچ جي!

آڪار نراڪار جا، هزارين سوال،
قرب جا ڪلال، ساميءَ مٺ اپٽيا!

ساميءَ مٺ اپٽيا جي مٿين بيت ۾ زبير، ساميءَ جي ڏنل سنديش ۾ پريم مڌ، امرت جل، چهن درشنن، ارڙهن پراڻن ۽ چئن ويدن جي وديا امرت کي ته خراج ڏئي ٿو، پر مٿس اعتراض ٿو واري ته ويراڳ ۽ تياڳ ورتائڻ کان پوءِ سنسار جي ڏکن جو انت نظر نٿو اچي ۽ آڪار نراڪار جي متعلق هزارين سوالن جو جواب نٿو ملي. اهي ساڳيا سوال شيخ اياز پڻ پنهنجن مختلف شعري مجموعن ۾ ڪيا آهن. ساميءَ جي ٻنهي ڳوناڻي شاعرن وٽ، ساميءَ جي ويدانتي فلسفي کي سويڪار ڪرڻ لاءِ سوال ۽ تنقيد آهي ته انسان ذات جو سک ۽ ڀلائي سنسار کي تياڳي، ويراڳ وٺڻ ۾ ناهي، پر سنسار جي حقيقتن جي حل ڳولڻ ۾ آهي. شيخ اياز ساميءَ کي مخاطب ٿي چيو آهي:

هتي آ، هن جاءِ، سيڪجه آ هن لوڪ ۾،
پرمتڙيا، پرلوڪ لئِ، وهي ڪانه وڃاءِ،
لنؤ انهيءَ سان لاءِ، جوت نه آهي جنڊڙي!

ڪيڏو آ سنگيت مئہ، هي سارو سنسار،
سامي ڪيڏو ٿي ڇڪي، مايا اپرم پار،
ماڻهوءَ جو گهر ٻار، موهي ماڻهوءَ هينئڙو!

مايا ڏيوالي؟ سامي! تون ڇا ٿو چئين؟
لکين گل رابيل جا، توکان سوالي،
اڪ نڪت اپ ۾ خال نه ڪو خالي،
مڌ سان متوالي، هر شيءِ هن سنسار جي!

انهيءَ ساڳي نوع ۽ لهجي ۾ سندس ٻيا ڪيترائي بيت ”سر ساميءَ“ ۾ پکڙيا پيا آهن، پر ساميءَ سان اختلاف جي باوجود، هو سموري ساميءَ جي سلوڪن کي سنڌ جي اساسي شاعري ڪوني، پنهنجو ٿو ڪري. هتي ويدانت ۽ تصوف جي باطني باريڪين ۾ وڃڻ جي بدران، ساميءَ جي زندگيءَ ۽ سندس سلوڪن تي نظر وجهبي ته اندر رئين انبوءِ دنياوي وڪارن کان صوفيءَ رنگ ۾ ته پاسو ڪرڻ کان سواءِ، هن ڌرتيءَ تي ڇاٽي وهيو واپريو، ان جو ڏس شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ ته ملي ٿو، جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جو دور به ڏٺو هو ۽ ظالم حاڪمن ۽ مذهبي ڪٽرپڻيءَ جي راڄ ۾ رڳو ڏنيدورچي ۽ لڪير جا فقير ميدان ۾ لٿل هئا، جن کي رڳو پنهنجا مقصد ۽ مفاد عزيز هئا، پر ڪين عام ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽

ڀٽائيءَ جو تر جيترو اونو ڪونه هو، تيئن منجهن ان دور جي صورتحال جو اولڙو نظر نٿو اچي. اهڙي عالم ۾ صوفين وچي پنهنجون خانقاهون وسايون، سنت پرشن پنهنجا آشرم ۽ اسٿان آباد ڪيا، جيڪي رڳو روحاني تسڪين جو سهارو بڻيا، پر ساميءَ جي سلوڪن مان اهڙو ڪو پرتو نٿو ملي. شايد ڀڳتي ڌارا جي هن سنت اهڙي ڪنهن گهٽنا بابت پنهنجو وات کولڻ جي بدران، مونن ۾ منهن وجهي غربت سان گذارڻ ۾ عافيت ڄاتي هجي. اها خبر جڏهن سندس سلوڪن مان نه ٿي پوي، تڏهن ئي ته زبير سومرو ساميءَ کان پڇي ٿو:

سامي سانير ۾ ميان! ڇا ڇا تو ڏٺو؟
پر ڇا لئه ۽ ڇو؟ ڏسيئه نه ساري ڏيه کي!

سامي سانير ۾ ميان! ڏٺو تو ڇا ڇا،
پر ان جا پاڇا، ناهن ڇو سلوڪ ۾؟

پر اها ڳالهه اياز بهتر طور تي سمجهي سگهيو هو، جو لکيو اٿس:

”سامي پنهنجي گروءَ ڏانهن ڏٺو، جو مؤن ورت ۾ مري چڪو هو ۽ ڪائي اِڇا نه ڪئي هئائين، ۽ پوءِ سوچيو، ’هن اهو سڀ ڪجهه ڄاتو ٿي، جو مان پنهنجن سلوڪن ۾ چئي نه سگهيو آهيان.“

(**تڪرا تنل صليب جا:**)

۽ زبير، سچل جي منزل، ساميءَ کان پرانهين سمجهندي چئي ٿو:

سامي! سچل سان، جيڪر ملين ها،
ويهي ڪرين ها، وائي تون وجدان جي!

پنهنجي تياڳ_ آڳ تي ڏاڍو ڪلين ها،
جي تون ملين ها، سامي! شاهه لطيف سان!

سامي! شهر دراز ۾، جي تون وڃين ها،
مٿي مچين ها، وجد ڪي ويدانت کان!

سامي! تو ڪڏهن پلاءِ، ڏيکيو درازا؟
ڇا تو دروازا، پيٽيا پٽ ڏٽيءَ جا!

اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن سونهن ۽ سچ جا اهڙا

ته پر پيالا پيتا آهن، جو اهي انهن جي ساراهه جا ڏک پرڻ مان ڏاپن ٿي نه ٿا ۽ ساميءَ کي هن سنسار جي سونهن ۽ سچ جو ڪو ترورو به نظر نه آيو. زبير سومرو حيرت منجهان ڪانئس پڇي ٿو:

ساميءَ! هونءَ ته هانو ۾، سمنڊ ٿو رکين،
پر ٿو چونه پکين، سونهن سنڌيءَ سڳنڌ سان!

ساميءَ! منهنجي دور ۾، اگر هجين ها،
ڇا ڇا نه سجهين ها، ذهن ۽ ضمير ۾!

جي تون پنهنجو پاڻ کي، آئينو ڏيندين،
ڪڏهن نه پوءِ ٿيندين، ڏنو اڳيان ڏيه جي!

آهي آدجڳاد کان، سونهن سندو سوداءُ،
ساميءَ! منهنجا ياءُ، سونهن سوا ڇا زندگي!
جيون جل ـ پيُوٽو، آهي، مڃان ٿو،
پر پوءِ به وڃان ٿو، سونهن جي سنسار ۾!

جيون جل پيوٽو، ساميءَ چواٽي،
وارن ويڙهوٽو، پوءِ به منهنجي چيچ ۾!

سونهن جا هي رنگ به زبير جي بيتن ۾ ڏسو:

هي جو هن گلاس ۾، آ چنڊ جو پاڇو،
انهيءَ جو ڪاٺو، ڪندو ڪو ويدانت سان!

هڪ تلسي منهنجي هنج ۾، ۽ ٻي پڌر ۾،
ڇا لئه مندر ۾، وڃان ڪنهن جي ڪاڻ مان!

زبير، ساڌن، سنتن ۽ صوفين جي اڳواڻ حضرت علي عليه السلام کي سمجهندي چوي ٿو:

صوفي سڀ سنسار جا، جاچي ڏس تون جڳ،
سارا ساڌو سڳ، عليءَ جي اوطاق جا!

ساڌن سنتن، صوفين، سڀني هيئن سلي،
علي، علي، علي، ريءَ عليءَ ٻيو ناهه ڪو!

علي سڀني جي اڳيان، جنين ڄاتو جيئن،
اسان تنين تيئن، سانپيو آهي ساهه ۾!

علي سيني جي اڳيان، ائين جن ڇاتو،
انهن سان ناتو، اسان رکيو روح جو!

گرو گورڪناٿ ڪي، هرڪو مڃي ٿو،
پوءِ بہ وڃي ٿو، عليءَ جي اوطاق تي!

آءُ مڃان ٿو ساميا! گھٽا گروءَ ڏس،
مگر سارا گس، آهن عليءَ آسري!

شيخ اياز لکيو آهي:

"ساميءَ جو گھر تہ شڪارپور ۾ منهنجي اباڻي گھر کان سڏ پنڌ تي آهي ۽ مون ڪيئي "نوان سلوڪ" ساميءَ جي نالي لکيا آهن. مون ائين سمجهيو آهي تہ سامي مون ۾ ائين آهي، جيئن سنڌ جي مٽي مون ۾ آهي."
(٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٠ع ۾ پارت ۾ 'شاهہ سچل ساميءَ سيمينار' ۾ ڪيل تقرير، "خط، انٽرويو، تقريرون")

زير پنهنجو سنبند نہ رڳو ساميءَ سان، پر اياز سان ڪيترن ئي حوالن سان ڄاڻايو آهي:

ڪڏهن ساميءَ جا ڪڏهن، اياز جا گذر،
هئہ ڙي هاٿيدر، تنهنجا جوين ڏينهڙا!

هاٿيدر تي ڳوليون، پيرا ساميءَ جا،
پيرا ساميءَ جا، ڳڻيون مينگھراج ۾!

سامي هاٿيدر اچا، توکي ساري ٿو،
اڄ بہ ڳھاري ٿو، تو جهڙو ڪو ڪنڊ ۾!

پري منهنجيءَ پهچ کان، رهيو ئي ناهين،
آهين تون آهين، او سامي، سڏ پنڌ تي!

مون ڪي تو جيئن آ متو، پنهنجو هاٿيدر،
سامي، تنهنجو گھر، ناهي مون لئہ اوپرو!

هاٿيدر[2]، هزاريدار جو، آهہ عجب انداز،
سامي، مان اياز، شڪارپور جا لاڏلا!

---

[2] - هاٿي در: شڪارپور شهر جي چوڌاري فصيل اڏيل هئي، جنهن کي اٺ دروازا هئا- لکي در، هزاري در، هاٿي در، واڳڻو در، نوشهرو در، ڪرن در ۽ سوي در. اڄ انهن جا نالا وڃي بچيا آهن.

منهنجي هردي هانو ۾، جوتي ٻاري ٿي،
جيءُ جياري ٿي، مڙهي هيمنداس جي!

هاٿيدر جي هنڌ ٿي، سامي ساري ٿي،
مون کي ماري ٿي، مڙهي هميداس جي!

ويدانت جي هر هڪ محاوري جهڙوڪ مايا، اوديا، گيان، آتم، پرماتما وغيره جي باري ۾ سامي بيشمار سلوڪ لکيا آهن، جن کي سنڌيءَ ويدانت جي فڪر ۽ فلسفي جو انش سمجهيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سامي، سنڌيءَ ۾ ويدانتي فڪر جو هڪ بي مثال ڪوي آهي، تنهن ڪري هڪ سچي ويدانتيءَ وانگر هو، ايڏو نهنو آهي، جو چوي ٿو ته وٽس ڪجهه به نئون ڪونهي، جو اهو اڳ ئي موجود آهي ۽ ٻيا سنت ۽ ودوان چئي آيا آهن. سچ ته ويدانت جي باري ۾ اهو چيل آهي ته ويدانت ۾ اهو سڀ ڪجهه آڳاٽي زماني کان موجود آهي ۽ آڳاٽي وقتن کان مهارشين يا مهاسنتن ۽ پوءِ جي ويدانتي فلسفين رڳو دريافت ڪيو آهي يا وري دريافت ڪيو آهي.

انگريزن جي راڄ ۾ نئون ورق وريو. هر ڳالهه کي تور ۽ ماپ جا نوان ماڻ مقرر ٿيا ۽ هڪ صديءَ کان پوءِ ١٩٤٧ع ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو ته زندگي ورق ورق ٿي وئي. ماڻ ۽ ماپا جيڪي آفاقي نوعيت جا ٿيندا آهن، اهي پنهنجن نون اصطلاحن سان پڌرا نه ٿيا، پر انهن کي پروان چڙهڻ لاءِ موقعا ميسر نه ٿيا. مصيبت پريو وقت پاڻ سان پنهنجا نوان آواز کڻي ايندو آهي. ورهاڱي ۾ سنڌ مان تمام گهڻي ذهين طبقي جي هلي وڃڻ جي باوجود، ڌرتيءَ اسان وٽ ڪيترن ئي ذهين ماڻهن کي اڳيان اچڻ جو موقعو ڏنو، جن پنهنجي سموري سگهه سان پنهنجي هئڻ جو ثبوت ڏنو. ٻين ميدانن کي ڇڏي، ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ شيخ اياز جو نئون، نرالو ۽ بلند آواز آهي. هن سنڌي زبان جي روايتي صوفياڻي، رومانٽڪ، قومي ۽ اشتراڪي شاعريءَ لاءِ نه رڳو نوان گهاڙيٽا گهڙيا، پر بيت ۽ وائيءَ کي جيئدان به بخشيو ته ساميءَ جي سلوڪن جي رنگ ۾ ساميءَ کي پنهنجا سلوڪ به ارپيا. هن اول ساميءَ جي ويدانتي فلسفي کي نهڪر ڪري ساميءَ کي مخاطب ٿي چيو هو:

هتي آ، هن جاءِ، سڀ ڪجهه آهن لوڪ ۾،
پر منتڙيا، پر لوڪ لئه، وهي ڪانه وچا،
لنئه انهيءَ سان لاءِ، جوت نه آهي جندڙي!

پر پوءِ پنهنجن پڇاڙڪن ڏينهن ۾ لکيائين:

”مون جڏهن ساميءَ جي نالي سلوڪ لکيا هئا،
تڏهن منهنجي اها ڪيفيت هئي، پر هاڻي ته مان روح جي
ابديت ۾ اعتبار ڪريان ٿو ۽ ساڳيو ماڻهو نه رهيو

آهيان.... استغراق جي ڪيفيت، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي وجود کي وساري ٿو ڇڏي، ڪافي سالن کان شاعريءَ مون تي اها ڪيفيت طاري ڪئي آهي.“

(ڪٿي نہ پڄبو ٿڪ مسافر)

آءُ انهيءَ رخ جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ جي بدران اهو چوندس تہ شاعر عوامي امنگن ۽ عقيدن جا آئينہ دار هوندا آهن، جيڪي مذهبي متڀيد کي پٺيان رکي، انهيءَ پيغام کي هنئين سان هنڊائيندا آهن، جنهن جي روايت سنڌ ۾ ورهين کان هلندي اچي ٿي. انهيءَ ڳالھ سنڌ کي سڀ کان مٿانهون رکيو آهي. ساميءَ جي سلوڪن جو گهاڙيٽو ساڳيو ’بيت‘ وارو آهي، جيئن لطيف، سچل يا ٻين شاعرن جو آهي. اهو ساڳيو گهاڙيٽو ڪيترن ئي هندو شاعرن بہ اپنايو آهي ۽ زندگيءَ جي انهن حلقن ۾ معروف ۽ مقبول آهي. انهيءَ جو اثر اسان جي هن دور جي سر موڙ شاعر شيخ اياز بہ بہ ورتو. هو نہ رڳو ساميءَ جي فلسفي جي باري ۾ ساڻس متفق بہ آهي تہ ساڻس اختلاف بہ رکيو اٿس، جنهن جو سلسلو شاھ لطيف جي انهيءَ اختلاف سان ملي ٿو، جنهن ڪري هن سامين جو سنگ ڇڏي ڏنو هو. اهو سمورو مواد نثر ۾ بہ آهي تہ پنهنجن بيتن ۾ بہ ڪيس زبردست خراج پيش ڪري ساڻس محبت ۽ عقيدت جو سلسلو هڪ سرزمين، يعني شڪارپور ٻڌائي ٿو.

زبير سومري جي سلوڪن کي ساميءَ ۽ اياز جي سلوڪن جي روايت سان جوڙيندي، آءُ اهو چوندس تہ زبير سومري پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ هن مجموعي ۾ شامل ٻن سؤ سلوڪن جي صورت ۾ پنهنجي اندرئين انڀئہ جا مٿ اپٽي ڇڏيا آهن، جن مان پراڻي مذ جو گمان ٿئي ٿو. سنڌس سلوڪ ساميءَ ۽ اياز جي سلوڪن جي ابتڙ فقط ٻن مصرعن تي ٻڌل آهن، جن ۾ بي پناھ رواني آهي ۽ هو ساميءَ جي ويدانتي فلسفي جو انتهائي قائل نظر اچي ٿو.

هڪ ڏيئي جي لاٽ مان ٻيو ڏيئو ٻريو ۽ ان جي تيز روشنيءَ جو ايڏو اهاءُ ٿيو، جو اهو صدين تائين پنهنجي روشني ڦهلائيندو رهندو. هاڻي وري ساڳيءَ سرزمين مان هڪ ٻيو ساميءَ جو پرستار، ساميءَ جي رنگ ۾ سلوڪ لکڻ لڳو آهي. اها دراصل هن سرزمين جي اها زبردست شڪتي آهي، جيڪا سامي جيئن راءِ حاصل ڪئي هئي، جنهن مان شيخ اياز اتساھ ورتو هو ۽ ڪيترا سلوڪ رچي انهن جي اپٽار ڪيائين ۽ هاڻي انهيءَ زرخيز زمين مان زبير سومري جي شاعريءَ جي صورت ۾ هڪ سلو نسريو آهي، جيڪو ساميءَ جي فلسفي جي سنديش کي هڪ نهايت ادب پري مجتا آهي.

١ جولاءِ، ٢٠٠٦ع

– ولي رام ولڀ
حسين آباد، حيدرآباد، سنڌ.
اي ميل: valiramvallabh@yahoo.com

سُر سامي ۽ ان جو شاعر*

نند جويري

شاهه سنڌ آهي ۽ سنڌ شاهه آهي، سوئي سچل لاءِ، ۽ سوئي ساميءَ لاءِ چئي سگهجي ٿو. اهي جيڪي هند ۾ شاهه کان انڪار ڪن ٿا، يا اهي جيڪي سنڌ ۾ ساميءَ کان انڪار ڪن ٿا، اهي جڻ سنڌ کان انڪار ڪن ٿا، اهي سنڌو درياهه کان اِنڪار ڪري رهيا آهن.

گيان جيڪو هزارين سال اڳ سنڌوءَ جي ڪپ تي پيدا ٿيو، اهو گيان شاهه لطيف پنهنجن بيتن ۾ اوتيو. شاهه جو گيان زمين جي پيدائش آهي، سنڌ ڌرتيءَ جي پيدائش آهي، جنهن جو ٻيو روپ سچل جي ڪلام ۾ آهي، ۽ ساميءَ جي سلوڪن ۾ آهي.

ساميءَ کي شرڌانجلي، سچل کي شرڌانجلي آهي، شاهه لطيف کي شرڌانجلي آهي، سنڌو درياه جي گيان کي شرڌانجلي آهي.سنڌ جو شاهه لطيف چوي ٿو:

پاڙهين پير مريد ٿئي، پاڙهين پاڻ خيال!

۽ سامي چوي ٿو:

گرو شيوڪ پاڻ ٿئي، لڪ لڪاءِ،
سامي سهجِ سياءِ، راند رچائي خوش ٿي!

شاهه سائين چوي ٿو:

ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءُ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار،
پريم! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان!

۽ سائين سامي چوي ٿو:

عجائبُ اِسرار، گر گم_ ڏنو غيب جو،
ڏاري آيو جڳ ۾، نراڪار آڪار،
کيلي نانا ڀاءِ ٿي، رهي اليپ اپار،
وڃي ٻل ٻلهار، سامي لِٽڪي تون سدا!

---

* هي مضمون ممبئي مان شايع ٿيندڙ ماهوار ادبي رسالي "ڪونج" جون 2004 تان ورتل آهي.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جو ڪجهه شاهه لطيف چيو آهي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چوڏس چِتاڻو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌاڻو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪو!

سوئي سامي چوي ٿو:

خلق منجھ خالق، خلق سڀ خالق ۾،
سمجهي ڪو سامي چئي، ورلو هر جن هڪ،
مهر ڪري مالڪ، جنهن تي پرچي پاڻهي!

شاهه لطيف جو ايمان آهي:

”جيڪي ڪي تون دنيا ۾ پسين ٿو سو نه فقط الله کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين آهي، بلڪ جيڪي آهي سو سڀ الله آهي. انهيءَ عقيدي کي همه اوست يعني سڀ ڪجهه اهو پاڻ آهي، چئبو آهي.“ (**شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي** _ ص: ٦٣)

جيڪي آهي سو سڀ الله آهي‘ همه اوست جي هن خيال کي ويدانت ۾ سرويشور چيو ويو آهي، ۽ ويد جو جنم سنڌو درياهه جي ڪپ تي ٿيو هو. همه اوست يا سرويشور جو خيال سنڌ زمين جي پيدائش آهي.

شاهه سائين سنڌ زمين جي پيدائش آهي، سچل سرمست سنڌ زمين جو باشندو آهي، ۽ سائين چئن راءِ لُنڊ سامي سنڌ زمين جو سپاترُ آهي.

سنڌ جي نوجوان ڪوي زبير سومري جي سلوڪن ۾ سنڌوءَ جي جل جو ميناج آهي، نارائڻ شيام جي ڪويتا جي سادگي آهي، شيخ اياز جي شاعريءَ جي وهڪ آهي. اِن ڏس ۾ هن جو ادبي سفر سڪارتو ٿيندو، جنهن جي مون کي پڪ آهي.

نند جويري

هي ڪتاب ته بس هڪ نماڻي شرڌانجلي آهي . . . !

شڪارپور، سامي، شيخ اياز، هاٿيدر،

هيمنداس جي مڙهي، ۽ شڪارپور جي شاندار ماضيءَ جو اهو عظيم الشان دور، منهنجي لاءِ سدائين هڪ عجيب ڪيفيت، هڪ خوبصورت تجريد، پراسراريت ڪنهن انوکي نيم ابهام ۽ حيرت جو باعث رهيا آهن. مان جڏهن به شڪارپور ۾، آڙهه اونهارن توڙي پوهه پارن ۾ هاٿيدر جي تاريخي چونڪ تي بيهندو آهيان، هزاري در ۽ لکي در جي ويڪرن رستن توڙي شهر جي سوڙهين تجريدي گهٽين ۾ آوارگي ڪندو آهيان يا سنڌ جي قومي هيري شهيد الهه بخش سومري جي پرسان ساميءَ جي آستاني، هيمنداس جي مڙهيءَ (جتي اڄڪلهه هڪ نئين عمارت جڙيل آهي) وٽان گذرندو آهيان ته الائي ڇو حيرت جي گمنام جزيرن ۾ غرق ٿي ويندو آهيان. سوچيندو آهيان- اهو ڪهڙو جوڳي ۽ روڳي روح هوندو، جنهن ساميءَ جي سرير ۾ سام ورتي هوندي...!!!

سامي ڪير هيو... ڪيئن هيو... ڪهڙي لوچ ۾ لڇندو رهندو هو...؟ ۽ اهڙن ڪيترن ئي بيتاب سوالن جي صحرا ۾ پٽڪي پوندو آهيان.

شڪارپور...! شيخ اياز جي لفظن ۾- هڪ شهر نه، بلڪ هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ، هن پوميءَ ۾ جنم وٺڻو پوندو، سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي شاندار تهذيب جو اهڃاڻ آهي. اسان کي اگر ٻاهرين دنيا وارن کي قديم سنڌ جي بي مثال تهذيب جو مثال ڏيڻو پوي ته اسان وٽ موهن جي دڙي کان وڌيڪ ڪو وڏو مثال ڪونهي، جيڪو اٽڪل اڻ، ڏهه هزار سال پراڻي دور جي مهذب سنڌ جو ثبوت آهي؛ ساڳيءَ طرح اگر ويجهي ماضيءَ جي مهذب سنڌ جو مثال ڏيڻو پوي ته اسان وٽ ورهاڱي کان اڳ واري هڪ متمدن شڪارپور جو ئي ثبوت اهي. چوته مان سمجهان ٿو قديم موهن جي دڙي وارا سنڌي به ورهاڱي کان اڳ وارن به شڪارپوري سنڌين جيترائي مهذب، پڙهيل لکيل، واپاري ۽ سيلاني هوندا.

اهو ان دور جي شڪارپورين جي تهذيب جي بلوغت ئي هئي، جنهن سبب سنڌ جي هن شهر کي ”سنڌ جو پئرس“ جو نانءُ ڏنو ويو. شڪارپور پنهنجي وجود ۾ هڪ مڪمل شهري زندگيءَ (Urban Life) يا اڃا به ان وقت جي Metropolitan Life جو عڪس هئي، جنهن جا شهري تعليم، واپار، سياسحت، تفريح، فن، هنر، ادب، موسيقيءَ، رهڻي ڪهڻيءَ، شهري رٿابندي، (City Planning)، فلاحي ڪمن (Social Works) عوام لاءِ خرچ (Philanthropy) وغيره ۾ عروج پذير هيا. منهنجي ٿهيءَ جي نسل ته رڳو وڏن کان ٻڌو يا ڪتابن ۾ پڙهيو آهي. اهي اسپتالون، ويم گهر، ڊسپنسريون، اسڪول، ڪاليجون، سئمنگ

پول، انڊرگرائونڊ ڊرينج سسٽم، اسٽريٽ لائيٽس، صفائي جو زبردست بندوبست، شهر جي اهم علائقن ۾ وڏا تفريحي باغ، سينيمائون، ٻن ميلن جي ڊگهي مڪمل بازار، شهر جي چوڌير بائونڊري وال ۽ ان ۾ مختلف هنڌن تي 8 دروازا (هاٿيدر، هزاريدر، لکيدر، ڪرن در، واڱڻودر، سوي در، خانپوري در ۽ نوشهرو در)، پلا اهو سڀ ئي نه هوندو، موهن جي دڙي اعليٰ تهذيب ۾!

انهن سمورين ترقين ۾ وڌ ۾ وڌ ترقي، هنن ٻن شعبن ۾ ڪئي هئي. شهري رٿابندي ۽ واپار (City Planning and Trade) سٽي پلاننگ هنن جي اعليٰ شهري زندگي (Civic Sense) جو اهڃاڻ آهي، ۽ ٽريڊ هنن جي آمدنيءَ جو ذريعو: هو سڄي وچ ايشيا ۾ ورهائجي ويندا هيا ۽ ناڻو ڪمائي پنهنجي شهر تي خرچ ڪندا هئا. وڏا وڏا سيٺ وڏيون وڏيون اسپتالون، لائبرريون ۽ ڪاليجون ۽ ٻيون فلاحي عمارتون جوڙائڻ جي ڄڻ نه ريس ڪندا هئا. رگو هوليءَ جي تهوار تي موسيقيءَ جي محلفن (جنهن کي هاندا چوندا هيا) تي وڏا ڳرا خرچ ڪندا هئا[3]. 1901ع ۾ هاندن جي منتظم سيٺ لال چند هڪ لک رپيا خرچ ڪيا، جيڪي هڪ ڪاٿي موجب 1991 تائين لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ جي برابر ٿين ٿا. ان سال ۾ سون جي هڪ توليءَ جي قيمت 20

3

روپيا هئي. اندازو ڪري سگهجي ٿو، هنن ماڻهن جو تفريح، فن ۽ ثقافت سان ڪيترو جنوني عشق هو. اهوئي تهذيب يافته ماحول ۽ روايتون هيون، جو هن شهر ۾، چيلاسنگهه، سيتلداس (C & S College) جا باني، راءِ بهادر اوڌو داس، ايشوري بائي، ڊاڪٽر ساران صديقي، گنگا بائي، منشي پوڪرداس پبلشر، حاجي عبدالرحمان (آچار جو وڏو واپاري)، هادي بخش پهلوان (هادو باڏو)، مولوي عبدالڪريم چشتي، لطف الله بدوي، لوڪرام ڏوڏيجا، تاج صحرائي، نند جويري، گوبند پنجابي، ۽ سنڌ جا تمام غيرمعمولي انسان- سامي، شهيد الهه بخش سومرو ۽ شيخ اياز جهڙن جولاني وجودن سنڌ جي روح ۾ هيجان پيري ڇڏيو.

سامي، شهيد الهه بخش توڙي شيخ اياز جي لازوال ڏات پنيان مٿي ذڪر شڪارپور جي شاندار ماحول، مزاج، ڪلچر جو وڏو هٿ آهي، اهو ماحول هنن جي تحت الشعور Sub- Conscious ۾ ضرور هو، ۽ دنيا ۾ ايڏن وڏن تهذيب يافته شهرن (Urban Civilization) جي رهاڪن جي شعور، دانش، فڪر ۽ فهم ۾ اتان جو ماحول هڪ وڏو محرڪ هوندو آهي، جيڪو هڪ خاص معيار سان شعور جي وهڪري (Stream of Consciousness) جي صورت اختيار ڪندو آهي.

سامي به انهيءَ ماحول جي ردعمل طور، پنهنجي دور جي ماڻهن جي ڌن دولت ۽ عيش عشرت واري زندگي جي پويان ڊوڙ کان بيزار ٿي، وچي سنت ٻٽيو ۽ دولتمند پيءُ جو سڀ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪجھ چڏي وڃي هڪ مڙهيءَ ۾ ويهي رهيو. شايد اهو ساميءَ جي پنهنجي دور جي واپارين ۽ سنڌ ورڪين جي پچ پچان واري زندگيءَ خلاف هڪ خاموش احتجاج هو...؟! چوته ساميءَ جي تقريبن سموري شاعري، مايا، موهه، ۽ اهنڪار (جيڪي ان دور ۾ عام ٿي ويا هيا) خلاف آهي.

مون کي ساميءَ جو انهيءَ دور جي ماڻهن جون ڪجھ منفي ڳالهيون اڄ جي ماحول سان هوبهو ٺهڪنديون نظر آيون، اهوئي ڪروڌ، موهه، مايا، اهنڪار، ڪام... وغيره اڄ جي انسان جي پهرئين ترجيحون آهن، تڏهن ته سامي مون کي ڏاڍو جديد محسوس ٿيو.

شاهه، سچل ۽ ساميءَ سنڌي ساهت جي ٿِمورتي قرار ڏنو ويو آهي: جنهن جو بنياد، سنڌ جي ڪلاسيڪل دور جي صوفي فڪر ۽ ويدانتي فلسفي سان پريل بي مثال ۽ شاهڪار ڪلام آهي. انهيءَ ڪري ئي انهن ٽنهي کي سنڌي ساهت جي امر جا ٿنڀا چيو ويو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته اِهي ٽيئي صوفي رڳو سنڌي ساهت جا اهم ٿنڀا نه، بلڪه سنڌي سماج، ادب، سياست ۽ سموري ڪلچر جي تاڃي پيٽي (Fabric) جا ماهر آهن. اهي ٽيئي شاعر سنڌ جي صوفي وجود جو اولڙو آهن.

شاهه لطيف ته پنهنجي دور کان وٺي اڄ ۽ مستقبل تائين، هڪ بي انتها غيرمعمولي تفڪر وارو وجود آهي، جنهن جي عقابي نظر سموري سنڌ جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل تي آهي.

شاهه لطيف به پنهنجي دور ۾ ڪوزي ۾ بند ٿيل ساگر هو، جيڪو وقت گذرڻ سان کلي پيو آهي، اهو ته اسان کي سائين جي-ايم سيد جو ٿورو مڃڻ گهرجي، جنهن شاهه لطيف کي هڪ نئين فڪر ۽ انداز ۾ سنڌين آڏو متعارف ڪرايو، ۽ اهو ميرايو ته سنڌ جو وڏي ۾ وڏو غيرمعمولي ماڻهو شاهه لطيف آهي. اڄ شاهه لطيف سنڌ جي گهر گهر جو پاتي ٿي پيو آهي، ۽ سندس شعر ايترو ته حوالن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي، جو لطيف جي سٽ تقريرن ۽ تحريرن ۾ اَٽڻ سان، ڳالهه ۾ شڪ جي گنجائش باقي نٿي رهي. مسجد ۾ واعظ ڪندڙ مولويءَ، سياسي پنڊال ۾ سحرانگيز تقرير ڪندڙ ليڊر، عام ڪچهرين کان وٺي رسمي ۽ روايتي، سماجي، سياسي ۽ ادبي پروگرامن تائين لطيف جو فڪر پنهنجي جاءِ پاڻ مرادو وٺي ٿو.

ان کان پوءِ سچل سرمست به پنهنجي وحدت الوجودي پيغام، الستي آواز، سموري سرمستيءَ ۽ مجذوبيءَ سان، اناالحق جو نعرو هنيو ۽ سچي سنڌ ۽ سنڌي سماج هر سطح جي طبقي ۾ پنهنجي فڪر ۽ فلسفي جو ڏاڪو جمايو ۽ ذري گهٽ شاهه لطيف جيترو ئي چانئجي ويو. سچل کي ڪو جي-ايم سيد ته نه مليو، پر سچل کي راڳيندڙ پڳتي، صوفي ۽ لوڪ رنگ جي فنڪارن، جوڳيئڙن ايترو شانائتي انداز ۾ ڳايو جو سچل جي سموري سرمستي، سر ۽ ساز ذريعي سنڌ ۾ عوامي سطح مقبول ٿي.

رهيو سادڙو، سباجهڙو ساڌو سنت سامي، جنهن کي شاهه لطيف ۽ سچل جيڏي نه نهيو، پر ٿوري به عوامي مقبوليت نه ملي سگهي آهي، توڙي جو ساميءَ جي سلوڪن ۾ به لطيفي فڪر ۽ سچل جي سچائيءَ جهڙو ميناج آهي. پوءِ آخر ڪهڙا سبب آهن جو سامي جو ٿي صديون گذرڻ جي باوجود ساميءَ جا مٽ نه اپڻيا آهن؛ منهنجي نظر ۾ هي سبب آهن-

هڪ وڏو سبب ته ساميءَ ايڏي ڏگهي ڄمار (جيڪا تقريبن سؤ سالن کان به مٿي ڇئي وڃي ٿي) ۾ پاڻ ئي پنهنجي فڪر ۽ ايڏي وڏي ڪلام کي لوڪ کان لڪائي رکيو؛ انهيءَ کي هن تناظر ۾ ڏسجي، اهو ساميءَ جو پنهنجي دور جي مايا پوڀان پوند ڙ سماج خلاف هڪ مهذب ۽ خاموش احتجاج هو. سامي به پنهنجي حياتيءَ ۾ شاهه لطيف وانگر سيلاني بڻجي نگر نگر پنهنجو فڪر ڦهلائي يا پنهنجي فڪر جو ڪو پنٿ وغيره هلائي ها ته اڄ ساميءَ جي پنٿ جو هڪ وڏو شاندار حلقو هجي ها...

انهيءَ ڏس ۾ ٻيو اهو سبب ساميءَ جي غيرعوامي ٻولي آهي. شيخ اياز پڻ اهو لکيو آهي ته اسان ساميءَ جي دور جي ٻولي وساري ويٺا آهيون، پر هتي مان اياز سان به ٿوري اختلافي راءِ ٿو رکان. ڇوته ساميءَ جي هندي اصطلاحن واري اوکي ٻولي، ساميءَ جي دور ۾ پڻ سنڌ ۾ عوامي نه هئي، توڙي اڄ به سنڌ جي هندن جي گهرن ۾ اهڙي هندي استعمال نه ڪئي ويندي آهي.

ساميءَ جي وسر جو هڪ سبب هي به آهي ته جهڙيءَ طرح شاهه لطيف ۽ سچل کي زبردست شارح، مفسر ۽ پرچارڪ مليا، جن انهن کي نون نون طريقن ۽ اندازن سان تشريح ڪيو ۽ صوفي رنگ ۾ ڳائيندڙ جوڳيئڙن کان وٺي، ماڊرن ميوزڪ جي فنڪارن تائين، هرسطح تي ڳايو ويو، اهڙيءَ طرح ساميءَ کي ڪو به اِنهيءَ سطح جو شارح به نه ملي سگهيو. هونئن ته ساميءَ تي ڪجهه قلمي پورهيتن- پروفيسر ناگراڻيءَ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڪوڙي مل کلناڻيءَ ۽ ڄيٺمل پرسرام وغيره ساميءَ جي سلوڪن ۽ ساميءَ بابت گهڻو ڪم ڪيو آهي، پر انهن سڀني جو انداز نصابي ۽ اڪيڊمڪ آهي، پر پوءِ به لک شابس انهن محسنن کي جن هيڏي وڏي ماڻهوءَ کي گمناميءَ جي اونده مان ته ڪڍيو.

ساميءَ کي عوام تائين عام رسائيءَ لاءِ جي ايم سيد جي "پيغام لطيف" جهڙي تشريح جي ضرورت آهي، يا سچل جي ڪلام کي سُر ۽ ساز جي ذريعي فڪر کي عوامي سطح تائين آڻيندڙ سهراب فقير ۽ مونڻ شاهه جهڙن صوفي آوازن جي ضرورت آهي. مان ائين ڪٿي چوان ته هڪ پاسي سچل تي ڪنهن Ph.D پروفيسر جو طويل مقالو پڙهجي ۽ ٻي طرف سهراب فقير جي سنتي سر ۽ الستي آواز ۾ "جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستئون مست مدام" يا "مان جوئي آهيان، سوئي آهيان" ٻڌجي، ته مان سمجهان هنن سر، ساز ۽ آواز ذريعي سچل جي سموري مجذوبي

ڪيفيت ۾ ”اناالحق“ واري ٻي ٻاڪ صدا چند لمحن ۾ نہ رڳو سمجھ ۾ اچي وڃي ٿي، بلڪہ سرير کي تار تار ڪري ڇڏي ٿي ۽ روح جي پاتال ۾ لهي وڃي ٿي.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ مندرن، پانشالائن، مڙهين، ست سنگن ۽ ٽِڪاڻي آستانن ۾ ساميءَ جا سلوڪ ڀڄنن جي روپ ۾ ڌرمي پريمِ سان ڳايا ويندا هئا. مون کي پنهنجي والد شڪارپور جي ناسٽلجڪ احساس سان ٻڌايو تہ شڪارپور ۾ هاٿيدر تي ناس وڪڻندڙ هڪ جهوني صوفي هولارام کي لڳ ڀڳ سمورو سامي ياد هوندو هو ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي موضوع جي مناسبت سان ساميءَ جا بيت ٻڌائيندو هو. ورهاڱي کان پوءِ اهو سمورو ڪلچر ئي ختم ٿي. (بلڪ ورهاڱي تہ سنڌ جي سموري تاريخي، اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي تهذيب جي وجود جي ڪاپار ڪي زخمي ڪري وڌو...)

سائين هيري ٺڪر موجب ساميءَ جي عدم عوامي شهرت جو سبب اهو بہ آهي تہ ساميءَ جو ڪوبہ مڙھ مقام، سمادي، آستانو يا ڪوئي بہ يادگار ناهي، جهڙيءَ طرح شاھ لطيف، سچل ۽ ٻين صوفين جا سنڌ ۾ وڏا روزا ۽ درگاهون آهن ۽ ماڻهن ۾ انهن صوفين جي حيثيت، ديني بزرگن ۽ ولين واري بہ آهي، هنن درگاهن تي ماڻهو ان جو ڪلام پڙهي نٿا اچن، بلڪ مخصوص مذهبي عقيدت سان اچن ٿا.

ان کان علاوه هڪڙو وڏو سبب شايد ساميءَ جو مذهب بہ آهي. اسان ڪيترو بہ وڏي وات چئون تہ اسان وڏا صوفي آهيون، پر پوءِ بہ مسلمان آهيون، پوءِ بہ هندو آهيون. شاھ لطيف، سچل ۽ روحل سميت صوفين ڪيترو بہ ”صوفي لاڪوفي“ کان وٺي ”مذهبن ملڪ ۾ ماڻھو منجهايا“. . . ۽ ”پِير ۾ پرميشور تہ ٻير ۾ ڪو ٻيو“ تائين، مذهبي انتهاپسنديءَ جي ننڊا ڪئي هجي ۽ پنهنجي سيڪيولر فڪر ذريعي عالمي امن، انساني ڀائيچاري ۽ عالمگير امن جي، بي پناھ کلي پرچار ڪئي آهي، پر پوءِ بہ شاھ لطيف هڪ مسلمان صوفي ۽ سامي هڪ هندو سنت آهي.

اسان کي وڏا اڄ بہ ٻڌائين ٿا تہ ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ هندن جي هڪ هٽي هئي. واپار ۽ تعليم ۾ تہ خاص طور تي هنن جو راڄ هو، هندو سيٺ ڄاٽي واٽي مسلمانن کي واپار ۽ تعليم کان پري رکندا هيا ۽ مسلمانن کي وياج تي قرض ڏئي هميشہ پنهنجي غلاميءَ ۾ رکندا هئا ۽ هندو- مسلم تضاد هوئڻ تہ ننڍي کنڊ ۾ هندستان جي ٽُٽڻ جي تحريڪ کان شروع ٿي، پر سنڌ ۾ انهيءَ جا سياسي اثر گهٽ، پر هندو واپاري طبقي جا عام مسلمانن سان روين جا اثر وڌيڪ هئا.

اڄ ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن ۽ تعليم جي ترقيءَ جا اهي مذهبي متڀيد گهٽي پاڳي ختم ٿيندا پيا وڃن، پر وري بہ هر ماڻھوءَ جي ذهن ۾ پنهنجو مذهب هميشہ هوندو آهي، اهوئي سبب آهي تہ ساميءَ کي ڪڏهن ڪڏهن هندو دوست ئي ساريندا آهن،

اها ٻي ڳالهه آهي ته انهيءَ جو طريقو به مذهبي ئي هوندو آهي.

هنديءَ ۾ عام طور تي مذهب لاءِ ”ڌرم“ لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته اهو لفظ ڌرم، مذهب جي معنيٰ ۽ مفهوم کان تمام گهڻو مٿاهون آهي، ڇوته ڌرم پنهنجي وسيع مفهوم ۾ هڪ مزاج، رويو يا ڪلچر آهي، انگريزيءَ ۾ ڪٿي Attitude چئجي. جيئن اڪثر چيو ويندو آهي، ”وچن نڀاهڻ اسان جو ڌرم آهي“، انهيءَ مان مراد آهي، واعدو پاڙڻ اسان جي مزاج ۽ رويي ۾ شامل آهي. ڌرم جي تشريح، هنن لفظن کان وڌيڪ مان نٿو ڪري سگهان ته، **”ڌرم، معاشري جي اجتماعي سماجي ۽ نفسياتي مزاج جو تاجي پيٽو آهي، جنهن ذريعي قومن بابت ڪا راءِ جوڙي سگهجي.“**

ڌرم جي انهيءَ تشريح کان پوءِ ته مذهب به ڌرم جي هڪ خوبصورت شاخ آهي. اسلام هجي يا عيسائيت، يهوديت هجي، هندوئيت ۽ انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي مذهبي نظريا، هڪ قسم جا مزاج ۽ رويا آهن، جن جي باني يا متعارف ڪرائيندڙن بنا ڪنهن تفريق جي سڄي ڌرتيءَ جي انسانن کي تهذيب، تمدن، اخلاقيات ۽ سماجيات جا عاليشان رهنما اصول ۽ زبردست قاعدا قانون سيکاريا.

انهيءَ سموري بحث کي تصوف ۽ ويدانت سان جوڙجي ته هند سنڌ جي صوفين، سنتن ۽ ڀڳتن جو آفاقي پيغام، مزاج ۽ رويو (يعني ڌرم) محبت، عالمي امن ۽ انساني ڀائيچارو آهي، پوءِ ڀلي اهو شاهه حبيب جي گهر ۾ پيدا ٿئي يا ٻچومل جي گهر ۾.

هنن صوفين معاشرن کي سهپ، محبت ۽ امن جو ڌرم ڏنو ۽ اهڙيون ته نه ٽنڊڙ سماجي ڌارائون جوڙيون، جيڪي اڄ به ڏينهون ڏينهن ماڻهن جي مزاجن ۾ تحليل ٿينديون وڃن ٿيون. انهن زبردست صوفي ڌارائن جي طفيل ئي سنڌي ماڻهو تاريخ جي ڪنهن به دور کان وٺي اڄ تائين شدت پسند نه رهيو آهي، اهو صوفي مزاج يا مٿي تشريح ڪيل ڌرم ئي آهي، جيڪو شاهه، سچل، سامي ۽ ٻين صوفين ذريعي سنڌ جي رڳ رڳ ۾ رچي وسي ويو آهي.

ساميءَ سان منهنجي سڪ ۽ ڇڪ جا ٻه خاص سبب آهن: پهريون ته ساميءَ جو سادو، سولو ۽ ساڌارڻ پيغام. سامي، سنڌ جي صوفي وجود ۽ سيڪيولر مزاج جو زبردست پرچارڪ آهي. ساميءَ وٽ ڪي به ڳجها، ڳوڙها ۽ ڳنڀير فيلسوفي مونجهارا ناهن، هو ته بس انساني فطرت، مزاج، جبلت ۽ نفسيات جو ماهر آهي. ساميءَ وٽ خوبصورت کان خوبصورت ۽ سادي جيون جا گڻ ۽ گر آهن. هن وٽ ڪي به ايراني تصوف جهڙا جهنگ ۽ برپٽ وڃي وسائڻ، چلا، مراقبا ۽ وظيفا ۽ زندگيءَ کان فراريت جا رستا نه آهن. هو ته بس انساني هيڄ ۽ وحشي جبلتن جو ويري آهي.

ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ مايا، اِهي ئي ته آهن اهي پنج آزار ۽ عذاب، جيڪي انسان کي جانور کان بدتر بنائي

چڏين ٿا .اِهي ئي ته آهن اهي پنج نانگ، جيڪي حسين خواهشن جي ديوين جو روپ وٺي انسان جي سندر جيون ۾ زهر اوتين ٿا .

ڪام، اڄ جي نئين زماني ۾ هڪ بنيادي جبلت بڻجي، ضرورت کان مٿاهين عياشي، فحاشي ۽ بنيادي اخلاقيات جي دائري مان ئي نڪري وئي آهي. ترقي پسند سماج (Progressive Society) جي آڙ ۾ اسان اولهه (West) جي واهيات جنسي نظرين کي اپنائيندا ٿا وڃون. اسان لاءِ هاڻي اهم ترين مسئلو جنسي بُک (Sex Hunger) بڻجي پيو آهي. اها ڳالهه آهي ته خوبصورت تخليق ۽ تخيل، جنسي احساسن (Erotical Sentiments) مان جنم وٺندا آهن، پر پوءِ به جنسي جماليات (Erotic Asthesism) ۽ فحش نگاري (Pornography) ۾ وڏو فرق آهي، پر هتي اهو بحث غيرضروري آهي.

ڪروڌ، اڄ جي انسان جي عادت بڻجي ويو آهي. هرحال ۾، هر جاءِ تي ڪروڌ ڪرڻ ڄڻ ته ضروري ٿي پيو آهي. لوڀ ته آهي ئي ڄڻ رت ۾ سمايل- جنهن وٽ سائيڪل آهي، اهو جائز ناجائز طريقن سان موٽر سائيڪل حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن وٽ موٽرسائيڪل آهي، اهو ڪار جي چڪر ۾ آهي، ۽ ڪار وارو وري بئي ڪنهن جڳاڙ ۾ رڌل آهي. ”موهه“ جيتري ترقي گذريل ڏهاڪي ۾ ڪئي آهي، اڳ ڪڏهن به نه ڪئي هوندائين. هر ڳالهه ۾ گليمر- اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، ميل ملاقاتون، رشتا ناتا، نظريا ايتري قدر جو ڳالهائڻ جو انداز به موهجي (Glamorized) پيو آهي.

جيون ۾ اها سادگي الائي ڪاڏي هلي وئي! زندگيءَ ۾ ڪيڏي نه شڌتا (Purity) هوندي هئي. سادو کائڻ، سادو پهرڻ، ساڏارڻ رويا ۽ مزاج ۽ سادڙا ماڻهو...

مايا ته ڄڻ زندگيءَ جو پهريون ۽ آخري مقصد بڻجي پئي آهي. اڄ جو انسان، مايا ، ڌن ۽ دولت لاءِ ڇا ڇا نه ڪرڻ لاءِ تيار آهي! رشوت، دوکو ۽ دولاب ته اڳي هوندا هئا ، هاڻي ته ماڻهو قتل، دهشتگردي ۽ الائي ته ڇا ڇا ڪرڻ لاءِ تيار آهي. تڏهن ته ساميءَ، مايا کي ڏائڻ ڏندري ۽ منهن ڪاري ڪوٺيو آهي.

ساميءَ سان منهنجي خاص ڇڪ ۽ سڪ جو پيو سبب اهو آهي ته هو نه صرف منهنجي شهر شڪارپور جو آهي (يا مان هن جي شڪارپور جو آهيان)، بلڪ هو منهنجي پاڙي هاٿيدر جو پڻ آهي. مان جڏهن به شڪارپور ويندو آهيان ته اڪثر راتين جو دير دير تائين شهر جي سوڙهين گهٽين، وسهه وارن چؤنڪن ۽ پراسرار رستن جي آوارگي ضرور ڪندو آهيان، ۽ پوءِ سوين سال پوئتي فليش بيڪ هليو ويندو آهيان- بلڪل ائين جيئن انگريزي فڪشن مووِيز ۾ هڪ ٽائيم مشين هوندي آهي، جنهن ۾ هڪ شخص ويهي ماضيءَ جي پسنديده دور ۾ هليو ويندو آهي. مان به گهڙي ڪن لاءِ ماضيءَ جي مهذب شڪارپور ۾ هليو ويندو آهيان، ۽ هاٿيدر تي هيمنداس جي مڙهيءَ (جتي سامي پنهنجي پيءُ جي خوشحال زندگي تياڳي رهندو هو) وٽان

گذرندي، تصور ۾ پوڙهي ساميءَ جي چرڻ ۾ وڃي ويهندو آهيان:

سامي، او سوامي! تنهنجا چرن چمان،
گهٽيون، گهير گهمان، تنهنجي وديا واٽ جا!

ممڪن آهي ته منهنجون هي ڳالهيون اڄ جي هن انفرميشن سپرهاءِ وي جي برق رفتار دور ۾ بي معنيٰ، مزاحيه ۽ مدي خارج لڳن، پر مون کي ساميءَ جي، اِنهيءَ فلسفي ۾ سام محسوس ٿئي ٿي.

شڪارپور ۾ ساميءَ جو گهر ڪاٿي هيو؟ ساميءَ جي سماڌي ڪاٿي آهي....؟ شڪارپور ۾ اڪثر انهن سوالن جا جواب تلاشيندو رهندو آهيان (جيتوڻيڪ شڪارپور جي دوستن، ساميءَ سان لاڳاپيل ماڳ مڪان اندازن مطابق ڳوليا آهن، پر پوءِ به حقيقت خدا کي معلوم؟) ڪجهه وقت اڳ شڪارپور جي هڪ جهونڙي صوفي جهامنداس سان ملي، اهڙي قسم جي گفتگو ڪئي هيم، پر صوفي صاحب وديا ونڊڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو ڪنجوس ۽ سخت مزاج روح هيو.

بهرحال! ساميءَ جي ابهام، پراسراريت ۽ هڪ مخصوص ۽ بي نام ڪيفيت منهنجي شاعريءَ کي ڳنگا، زم زم ۽ سندوءَ جي پوتر جل سان وهنجاري ڇڏيو ۽ منهنجي شخصيت ۽ وجود کي پڻ هڪ نئين معنيٰ ۽ مفهوم بخشيو آهي.

اڄ جي ايڪويهين صديءَ ۾ اسان مڪمل طور تي مشيني زندگي جيئون ٿا. اڄ جي انسان جون سموريون صلاحيتون سوچون، ڪوششون، همتون ۽ محنتون، مايا، موهه ۽ ڪام لاءِ ئي آهن. اِها انفرميشن ٽيڪنالاجي آئي ته آهي، اِن جي هزارين فائدن جي باوجود اسان کان اسان جون عاليشان درسگاهن جهڙيون اوطاقون، عظيم الشان قدر (Values) ۽ الائي ته ڇا ڇا، هيري ۽ سون کان قيمتي ڪلاسڪس (Classics) کسي ڇڏيا آهن. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سپر هاءِ وي جي برق رفتار دور ۾ شاهه، سچل، سامي، بيدل ۽ بيڪس جي ڳالهه ڪير ٿو ڪنائي؟

اسان جي اخلاقيات تي راتاها وري جيڪي ميڊيا سڳوريءَ هنيا آهن، ان جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. نابالغ ٻارن کي وني ماڻهو ماڻهوءَ تائين موبائل فون جو غلط استعمال، گهر ۾ ٽي ويءَ تي دنيا جهان جا عجيب غريب چئنل ۽ انهن چئنلن تي وري الائي ڇا ڇا.....! اڄ جي معاشرتي ڍانچي جو روپ ئي عجيب الخلقت مخلوق جهڙو ٿي پيو آهي. سياست، ادب، فن، هنر ۽ هر شيءِ ۾ پنهنجي اصليت وڃائي رهي آهي، هرچيز جڻ ته ڪنهن وڪري جي سودي (Consumer Product) وانگر ٻه نمبر ٿي پئي آهي. ٻيو وري روز روز نوان اِزم، مونجهارا، نعرا ۽ الائي ته ڇا ڇا......

اهڙي نفسا نفسيءَ ۽ سماجي اوبر واري ماحول ۾ مون

هي ڪتاب لکي يقينن ڪوبه ڪارنامو سرانجام نه ڏنو آهي، ڪابه ”مائونٽ ايورسٽ“ جي چوٽي سر نه ڪئي اٿم، بلڪ هڪ گهڻي پڙهيل لکيل دوست جي لفظن ۾ وقت وڃايو اٿم. هي سادڙا، سباجهڙا بيت، ڪن به انمول هيرن جي نعم البدل هجڻ جا دعويدار ناهن، هي ته منهنجي سڪڻيءَ جهوليءَ ۾ پيل ٿي گل آهن، جيڪي مون سنت ساميءَ کي ارپيا آهن.

هي بيت ته بس هڪ نماڻي شرڌانجلي آهي، جيڪا ساميءَ کي سندس ئي تسلسل، صدين کان پوءِ ڏني آهي. مون کي اها ڳالهه لکندي سرهائي محسوس ٿي ٿئي ته هي ڪتاب ساميءَ کي وساري ڇڏڻ واري شڪايت جي خاتمي جي شروعات اهي.

مون کي اِها پڪ آهي ته ايندڙ ويجهي مستقبل ۾ سامي به شاهه لطيف ۽ سچل سرمست وانگر سنڌ هند جي ڳوٺن، شهرن، محفلن، مندرن ۽ درگاهن ۾ ڳايو ويندو، ڇوته سامي به سنڌ جو عظيم ڪلاسيڪل ورثو آهي. اسان جديد ترقي پسنديت جي دنيا ۾ ڪيترا به اوچا چونه ٿي وڃون، پر اسان جون پاڙون اِهي ئي ڪلاسيڪل شاهڪار آهن. مون کي پنهنجي عاليشان ڪلاسڪس تي نه رڳو ناز اهي، پر مان ”ساميءَ جو وارث“ سڏائيندي، فخر محسوس ڪيان ٿو ۽ پنهنجي هم عصر، هم عمر سنگت کي به پنهنجي اصليت (Roots) ڏانهن ورڻ لاءِ اتساهيان ٿو.

اڄ ساميءَ جي سباجهي آتما، هن ڪتاب جي پڌرائيءَ تي مرڪي ته ضرور هوندي. اڄ اياز جي لازوال ڏات، جيڪا ’روح جي حيرت زده جزيري‘ ۾ ”جو آيو ڳايو آپيارا“ جهونگاريندي رهي ٿي، مون کي ۽ شڪارپور کي ڇڻ ته واڌايون ڏئي رهي آهي، جيڪي مان ۽ سڄي سنڌ مرڪي وصول ڪري رهيا آهيون.

هي ڪتاب، اندر جي هڪ اوچتي ۽ اباڻڪي اپٽار آهي، جنهن جي پويان هڪ ننڍڙي ڪهاڻي آهي. ٿيو ائين جو فبروري 2002ع ۾ پريم ساگر پبليڪيشن ڪراچيءَ وارن سامي ڪانفرنس ڪرائي هئي، جنهن ۾ مون کي به مقالو لکڻ جو ليٽر مليو. هر عام سنڌيءَ وانگر مون به ڪڏهن ساميءَ کي غور فڪر سان نه پڙهيو هو. سو مقالي لکڻ لاءِ، ساميءَ جا سلوڪ پڙهيم ته جيئن مقالي جا پهه ٿي صفحا لکي سگهان. جيئن جيئن ساميءَ جا بيت پڙهندو ويس، تيئن تيئن منهنجي هڪ نئين ويدانتي، فيلسوفي، نيم تجريدي ۽ هڪ بيحد سندر دنيا سان آشنائي ٿيندي وئي. ساميءَ جا سادڙا ۽ ساڌارڻ سلوڪ منهنجي روح ۾ ائين لهندا ويا، جيئن ويران ٻلن جي اداس سانجهين ۾ ڳاڙهو سورج، گهري ساگر ۾ لهندو آهي. سامي پنهنجي مڪمل مفهوم سميت مون ۾ ڪنهن وارتا جيئن واس ڪرڻ لڳو ۽ انهيءَ رات لفظن ۾ نه بيان ٿيندڙ ڪيفيتن ۽ هڪ اذيت ڏيندڙ تخليقي لذت ۾ گذاريو هيم.

نج شڪارپوري لهجي وارين ساميءَ جون هي سٽون
مون لاءِ حيرت جي ڪنهن انوکي جزيري کان گهٽ نه هيون:

عاشق ڪين لڪن، سورج جان هن لوڪ ۾،
سدا البيلن جا، رتا نيڻ رهن،
ڪاڻ نه ڪڍن ڪنهن جي، سوري پڙ سهن،
اٿ ئي پهر وهن، سامي! سپيرين سان!

عاشق اڏ مئا، سدا تڙڦن تن ۾،
جن کي سچي سڪ جا، اهڙا ڦٽ هئا،
درسن جي دعا، سامي گهرن سپ ڪئون!

پرڻيءَ ڪئون ڪنواري، پڇي سڪ سهاڳ جو،
خلوت جي خواري، ٻڻندي ناهه بزار ۾!
چارئي ٿا چون، هل هيناهين واتڙي،
متا توهي سان ڪن، مڏيءَ ڏٽي مامرو!

ڪري فڪر فقير، فارق ٿيا فڪر ڪئون،
رهن منجهه سرير، اسرير آڪاس جان!

ويدانتي وڏيڪ، ڪنهن سان ٻولن ڪينڪي،
نينن ڪئون نزديڪ، سته ڏسن سپرين!

اچرج هڪ آهي، ساميءَ کي هن جيءَ جو،
گياني پندت ٿي ڪري، ٿو سپ کي سمجهائي،
هيرا ماڻڪ موتي، پرکي مله پائي،
ويٺو وڃائي، پاڻ پنهنجو پاڻ ۾!

البيلا اوڌوت، عاشق پاڪ الله جا،
جن پنجئي ماري پنهنجا، ڪيا آگن ۾ اهوت،
محبتي مضبوط، پرچار هن پاڻ ۾!

بيحد بي پرواهه، سامي ڏٺا سنت جن،
رکن نه رتيءَ جيتري، چِت ۾ چنتا چاهه،
جاڏي ڪن نگاهه، تاڏي سچڻ سامهون!
(سامي)

اهڙي قسم جي ڪلام، فڪر ۽ فلسفي، منهنجي اندر ۾ عجيب اڻ تڻ پيدا ڪري ڇڏي، ڪافي دير تائين اهڙا سلوڪ پڙهندو ۽ ڪيفيت جي سرور ۾ تڙڳندو رهيس، پر مون کان

مقالو لکيو نہ ٿيو ۽ شايد شاعر هجڻ جي ڪري.

انهيءَ هڪ رات ۾ صبح تائين مون کان، هڪ ويهڪ ۾ ڏيڍ سئو کن بيت سرجي ويا ۽ پوءِ باقي بيت ٻي ويهڪ لکيم. هتي مان انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان تہ مان تصوف توڙي ويدانت جي فلسفن ۽ اصطلاحن جو ڄاڻو ناهيان، مان آڪار نراڪار، چئن اثارهن ڇهن، تت توم، اهم برهم اسمي جهڙن ڳوڙهن نقطن بابت ڪا بہ مهارت نٿو رکان، هي بيت تہ سنت ساميءَ سان پريم جي پرچار جي هڪ شاعراڻي موٽ آهي. ساميءَ هھڙي محبت ۽ شاعراڻي صحبت، شيخ اياز بہ ڪئي هئي، جنهن، ساميءَ لاءِ نوان سلوڪ لکي ساميءَ جو گهڻو قرض چڪايو آهي. اياز تہ هونئن بہ سنڌي ادب ۽ سماج جو اولڙو آهي. شيخ اياز کان پوءِ ساميءَ لاءِ شاعراڻي محبت ۾ مون هي بيت لکيا آهن، اها محبت اميد رکي ٿي تہ پنهنجي تسلسل قائم رکندي.

هتي مون کي سامي چيئر جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري ٿو لڳي. 2002ع واري سامي ڪانفرنس ۾ ان وقت جي ناٽي جي وزير حفيظ شيخ، سامي چيئر بابت سنجيدگي ڏيکاري هئي، ۽ پوءِ انهيءَ ڏس ۾ ڪي ڪميٽيون وغيره بہ جڙيون ۽ ان جون ڪجهہ گڏجاڻيون بہ ٿيون، پر پوءِ ان جو الائي ڇا ٿيو، ۽ اڄ سوڌو سپني کان اها ڳالهہ وسري وئي. هن ڪتاب ذريعي مان هڪ دفعو وري انهيءَ ساڳي ڪوشش کي وري تحرڪ ۾ آڻڻ جي ڳالهہ ڪيان ٿو، ڇوتہ ساميءَ تي تمام وڏي سطح تي تحقيق جي ضرورت آهي، جيڪا ڪنهن اداري ذريعي ئي ممڪن آهي.

ان کان سواءِ، شڪارپور ۾ ساميءَ جي ناليِ تي ڪو ادارو يا آڊيٽوريم وغيره بہ جوڙائڻ جي صلاح ڏيڻ ضروري آهي، جتي ساميءَ جو عاليشان آدم قد Sculpture ٺاهي رکيو وڃي، ۽ هرسال ڪا مناسب تاريخ مقرر ڪري، "ساميءَ جو ميلو" ملهائجي، جتي هند سنڌ جي صوفين کي گهرائي راڳ رنگ کان وٺي ادبي ڪانفرنس تائين پروگرام ڪري سگهجن.

هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي، ۽ پهريون ڪتاب بہ پهرئين پيار جهڙو ٿيندو آهي- ۽ اها بہ مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ منهنجو پهرئين پيار جهڙو ڪتاب ساميءَ بابت آهي. مون جڏهن بيت لکيا تہ (رسمي يا ضروري) انهن کي ڪٽڻ لاءِ پنهنجي پياري دوست سائين ولي رام ولڀ صاحب جي حوالي ڪيم تہ جيئن هو هنن بيتن کي ڪٽي ۽ توري، ڇوتہ سونارا ئي ڪچي سون مان زيور ٺاهيندا آهن. سائين ولي رام صاحب هن تي تمام خوبصورت اپياس لکيو آهي. جنهن لاءِ سندس ٿورا نہ لاهڻ جهڙا آهن. ولڀ صاحب پاڻ ئي پوءِ مون کي صلاح ڏني تہ هنن بيتن کي اڃا بہ ڪوئي بهتر نموني سان پرکي ۽ پروڙي سگهي ٿو تہ اهو آهي سائين هيرو ٺڪر. مون چيو: "هيرو تہ مون کي سڃاڻي ئي ڪونہ، مان هن ڏي هي مسودو ڪيئن موڪليان؟" ولي رام صاحب چيو: "زبير! هاڻي تنهنجي سڃاڻپ، هي بيت ۽ سامي

ڪرائيندو، تون هيري ذي مواد اماڻي ڇڏ.“ مون به ڪٽي ٿيال ڪري ڇڏيو.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته بمبئيءَ مان فون آيو- ”مان هندستان کان هيرو نڪر ٿو ڳالهايان، يار زبير! تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو آهي، ساميءَ کي جڻ ٻيو جنم ڏئي ڇڏيو اٿئي، هند سنڌ کي ملائي ڇڏيو اٿئي!“

اهي جملا ٻڌي لفظن ۾ نه بيان ڪرڻ واري خوشي محسوس ڪئي هيم، ڇوته ايڏي وڏي محبتا، سا به ايڏي وڏي ماڻهوءَ کان پهريون ڀيرو ملي هئي. سائين هيري نڪر سان پوءِ اڪثر فون تي رابطو رهندو آيو آهي. هيري صاحب ٻئي ڀيري فون تي هڪ ٻي خوشخبري ٻڌائي ته هو هن ڪتاب کي هندستان ۾ ڇپائڻ چاهي ٿو. ٽئين ڀيري وري ٻڌايائين ته هو هن ڪتاب کي ديوناگري لپيءَ ۾ به ڇاپيندو. اهي ڳالهيون ٻڌي مون کي سائين ولي رام جي ڳالهه سچي لڳي ته هاڻي منهنجي سڃاڻپ هي بيت ۽ سامي ڪرائيندو، بهرحال! هيري جا هيرن جهڙا ٿورا ٿيا...!

ڪتاب جي ڇپائيءَ واري مرحلي تائين ڳڻن ماڻهن جون محنتون ۽ محبتون هونديون آهن. انهن سڀني جا ٿورا مڃڻ هڪ رسم ئي سهي، پر سنو ڳڻ آهي. هنن بيتن جي فني ڇنڊڇاڻ منهنجي، بلڪ هر ٿهيءَ جي دوست محترم تاج جويي ڪئي آهي، تاج جا وڙ هميشه مون جهڙن ڪيترن سيڪڙاٽن سان رهندا آيا آهن. اڄ مون کي منهنجو بزرگ پيارو دوست سرڳواسي

هري موٽواڻي به ياد اچي ٿو جنهن مون تي هن ڏس ۾ تمام اتساهيو هو.

هتي پنهنجي ڳوٺائي، هندواسي نند جويريءَ جا قرب به نه وساريندس، جنهن منهنجن هنن بيتن تي به لفظ لکي (’ڪونج‘ رسالي ۾) مون تي وڏو وڙ ڪيو ۽ ويجهڙ (ڊسمبر 2003 ۾ جڏهن هو سنڌ آيو ۽ اسان گڏجي شڪارپور به وياسي، پر ڪجهه قانوني پيچيدگين سبب شڪارپور ۾ هو اچي ۽ ساڳي پير موٽي ويو! انهن ڏينهن ۾ نند به مون کي هي ڪتاب هندستان ۾ ڇپائڻ جي آڇ ڏني، انهيءَ لاءِ به نند سائينءَ جا قرب.

سڀ کان اهم ۽ اڻ ٿورا، قرب، ۽ وڙ، مان پنهنجي پياري والد عبدالمجيد سومري جا مڃان ٿو، جنهن هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ پنهنجي پٽ جي ڪتاب جي ڇپجڻ جي تياري ۽ ڪوشش ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هونئن به منهنجي سموري ادبي سفر ۾ منهنجو والد منهنجو بهترين همسفر رهيو آهي. هي ڪتاب هرگز ايترو جلد نه اچي سگهي ها، اگر هو منهنجي سستيءَ ۽ ٻي ڍايانيءَ کي ڏسندي خاموش ٿي ويهي رهي ها. ڪتاب جي ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ کان وٺي سائين ولي رام کي جلدي مهاڳ لکي ڏيڻ لاءِ تنگ ڪرڻ تائين، هن ڪتاب جو سمورو ڪريڊٽ منهنجي والد کي وڃي ٿو.

. . . ۽ سڀ کان آخر ۾، مان پنهنجي ماءُ جي مقدس ذڪر جي الائي ڇو انتهائي ضرورت محسوس ڪري رهيو

آهيان، جيڪا اڪثر اڌ اڌ راتين جو منهنجي ڪمري ۾ اچي ۽ مون کي لکندو ڏسي، مون کي آرام ڪرڻ لاءِ چوندي رهندي آهي. حالانڪ منهنجي اميءَ جو ذڪر هن سموري ڪتاب ۾ ڪٿي به، ڪو جواز نه ٿو رکي، پر بس منهنجي دل چاهي ٿي ته آسيس ۽ دعا طور مان هن جي ڳالهه ضرور ڪيان، ڇو ته مون منهنجي وٽ منهنجي ذات، ذات ۽ تات جا سڀ حوالا منهنجي امڙ جا آهن، هن کان سواءِ منهنجي هر تخليق بي جان آهي.

ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ٿر ۾ واري ٿورڙي، تنهن کان گهٽيرا،
پلايون پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا!

- زبير سومرو
هاٿي در شڪارپور، سنڌ
موبائل فون: 0092 333 2680895
zasoomro9@gmail.com

Face Book Page : Zubair Soomro
Skype Name:

ساميءَ مٽ اُپٽيا

(بيت)

ساميءَ مٽ اپٽيا، امرت پيئاريا،
جوڳيءَ جيئاريا، سک ٿيا سنسار ۾!

ويراڳ ۽ تياڳ جا، ساميءَ مٽ اپٽيا،
گهٽجي ڪين گهٽيا، پوءِ به دک سنسار جا!

ڀِرِيائين پريم جا، ساميءَ مٽ اپٽيا،
تنهن ڪان پوءِ سٽيا، ساميءَ سک سنسار جا!

سامي! مٽ اپٽِ، ته پريم مڌ پيئون،
جوڳي ٿي جيئون، پسون پنث پريم جا!

امرت ڏک پيئان، سامي! اپٽِ مٽ،
ڪجهه ته جيئان جهٽ، هيڏيءَ هن حيات ۾!

سامي! تون مٽ کول، ته امرت جل پيئان،
ڪجهه ته مان جيئان، هيڏيءَ هن حيات ۾!

ساميءَ اُپٽي مت ڪئي، اشلوڪن اپٽار،
چھ، اٺارهن، چار، سنڌيءَ ۾ سمجھايا! [4]

وديا امرت سان ڀريل، سامي! تنھنجا مٽ،
جيون لڳو جهٽ، تنھنجي سوچ ۽ لوچ مان!

ساميءَ سلوڪن کي، ڳائين نه ڳائين،
سامي سدائين، جيئندو رهندو سنڌ ۾!

حافظ يا سعدي هجي، رومي يا جامي،
پر منھنجو سامي، جدا آهي جڳ کان!

ايڪانت ۽ ويدانت سان، سلھاڙيل سامي،
آهي مدامي، رهيو منھنجي روح ۾!

منھنجي روڳي روح ۾، سمايو سامي،
الا! اڏامي، وڃان ساڳي دور ۾!

سامي- ساگر ۾ لهي، ڪيم جو اشنان،
سارو هيءُ جهان، شڪ لڳو شمشان جو!

تو ڏسيو، ڏيکاريو، دوارڪا جو دڳ،
سامي! ڪڏهن اڳ، پسيم نه اهڙو پيچرو!

تت تصوف جو ميان! ويدن جي واٽي،
جاٽي سجاٽي، ساميءَ ڏني سنڌ کي!

سامي سوامي سنڌ جو، ساڌو، صوفي، سنت،
مگر اندر انت، ڪنهن کي ڏنئين ڪينڪي!

سچل چئي يا شاهه چئي، يا چئي ڪبير ڀڳت،
سارو هيءُ جڳت، پويان پيار پريم جي!

اشلوڪن مان تو ملي، ساميءَ جو پاڇو،
انھيءَ جو ڪاڇو، ڪري سگھبو ڪينڪي!

ساميءَ جي سنسار جي، ڳالھ ڪجي ڇا ڇا،
اشلوڪن مھا، ماپي سگھي ڪينڪي!

[5] ڪام، لوڀ ۽ موھ يا، مايا ڪي گھوگھو،
سامي ءَ ڪيو سوگھو، سارو ڪڙم ڪروڙ جو!

سامي! تنھنجي سنڌ ۾، اڄ نہ ڇو ايڪانت،
ڪاڏي وئي ويدانت، ڪاٿي آھي شانتي!

ڪڏھين سامي ءَ جا، ڪڏھن اياز جا گذر،
ھئہ ڙي [6] ھاٿي در، تنھنجا جوڀن ڏينھڙا!

ھاٿي در تي ڳوليون، پيرا سامي ءَ جا،
پيرا سامي ءَ جا، ڳڀيون [7] ميگھراج ۾!

5 - ڪام: (ھوس) لوڀ: (لالچ) مايا: (دولت)
6 - ھاٿي در: شڪارپور جو ھڪ مشھور پاڙو، تہ تي سامي رھندو ھو.
7- ميگھراج: سوامي ميگھراج- سامي ءَ جو گرو

سامي! ھاٿي در اچا، توکي ساري ٿو،
اڄ بہ گھاري ٿو، تو جھڙو ڪو ڪنڌ ۾!

پري منھنجي پھچ کان، رھيو ئي ناھين،
آھين تون آھين، او سامي! سڏ پنڌ تي!

تو جيئن مون کي آ منو، پنھنجو ھاٿي در،
سامي! تنھنجو گھر، ناھي مون لئہ اوپرو!

منھنجي ھِردي ھانو ۾، جوتيون ٻاري ٿي،
جيءُ جياري ٿي، مڙھي [8] ھيمنداس جي!

ھاٿي در جي ھنڌ تي، سامي ساري ٿي،
مون کي ماري ٿي، مڙھي ھيمنداس جي!

8- ھيمنداس: شڪارپور ۾ ھاٿي در تي سامي، ھيمنداس جي مڙھيءَ ۾ رھندو ھو.

سوا ساميءَ جي لڳي، هاٿي در ڪوجهو،
ڳهٽي ۽ اوجهو، مون کي لڳو اوپرو!

هل ته [9] هزاري در تي، هلئون اياز ڏي،
وجي تو لڏي، مورڙي جي ملڪ ڏي!

هاٿي در، هزاري در جو عجب انداز،
سامي، مان، اياز، شڪارپور جا لاڏلا!

سامي، او سوامي! تنهنجا چرن چمان،
پيچرا ڳهمان، هاٿي در جي واٽ جا!

صوفي سڀ سنسار جا، جاچي ڏس تون جڳ،
سارا ساڌو سڳ، عليءَ جي اوطاق جا!

9- هزاري در: شڪارپور جي اٺن درن مان هڪ در.

اڳيان جنين اولياءَ، سنگ جنين جي سنت،
انهن سندا انت، ڪهين پروڙيا ڪينڪي!

ساڌن، سنتن، صوفين، سيني هينئن سلي،
علي، علي، علي، ريءَ عليءَ بيو ناه ڪو!

"آءُ نه جيئندي ان ريءَ"، جڏهن چيو جن،
اسان تڏهن تن، سانپي چڏيو ساه مِرِ!

علي سيني جي اڳيان، جنين جاتو جيئڻ،
اسان تنين تيئڻ، سانپيو آهي ساه مِرِ!

علي سيني جي اڳيان، ائين جن جاتو،
انهن سان ناتو، اسان رکيو روح جو!

آءُ ميجان تو ساميا! ڳهٽا ڳروءَ ڳس،
مگر سارا ڏس، آهن عليءَ آسري!

گرو گورکناٿ کي، هر ڪو مڃي ٿو،
پوءِ بہ وڃي ٿو، عليءَ جي اوطاق تي!

جن جي دل ۾ دوارڪا، [10] هنگلاج اندر هانو،
الا! تن جي چانو، ڪل حياتي گهارجي!

جيڪي هنگلاجين هيا، دوارڪين ڳڏيا،
انهن ساڻ اڏيا، اسان اجها عشق جا!

جنين درد دوارڪا، [11] نانيءَ سندو نينهن،
انهن راتو ڏينهن، گهاريو لا مڪان ۾!

سامي! تون نانيءَ ڪان، جيڪر پڇين ها،
مور نہ ڪڇين ها، واٽي ڪنهن پي ويد جي!

10- هنگلاج: هنگلاج کي، جوڳي ناني (Mother Godess) چوندا آهن.
11- ناني: هنگلاج کي جوڳي، محبت ۾ ناني ڪوٺيندا آهن.

جنين نانيءَ نينهن ۾، دوارڪا سان دل،
انهن جي منزل، اڳي ڪان پي اڳيري!

سامين، سنياسين سندو، سنگ سواميءَ ڪي،
رنگ سواميءَ ڪي، لڳي ويو لاهوت جو!

سامي! ڳجهي ڳجهہ مان، سائين، ڪجهہ نہ ڏي،
مون کي پيو سڏي، دوارڪا جو دڳ ٿو!

جيڪر تون جوڳيئڙا، نانيءَ جو ناهين،
سامي! پوءِ آهين، پنٿي ڪهڙي پنٿ جو!

[12] ناٿ- پنٿي ٻڙ جي، ناهيان مان ٿامي،
سامي، او سامي! ڏي نہ ڪجهہ تون ڳجهہ مان!

12- ناٿ پنٿي: ناٿ فرقي جا جوڳي.

پريمِ- پنٿ ڪان مٿي، ناهي ناهي ڪجھ،
سامي! ساڳيو ڳجھ، تنهنجي هر اشلوڪ ۾!

ناٿ- پنٿي پيچرو، ساميءَ سيڪاريو،
ڏسيو ڏيکاريو، رستو صوفيءَ رمز جو!

سڌيمِ [13] سڌارٿ کي، ڪالي مندر مان،
آيو اندر مان، سڌ پڙاڏو ساڳيو!

ويراڳ سندي آڳ ۾، پنپٽ بِرھ- بني،
الائي ڪيئن سني، ساميءَ آڳ تياڳ جي!

سامي! سنڌيءَ ۾ ڏنئه، ويدن جي واٽي،
او ڏاتاراماٽي! [14] پنڌ پري آ پنٿ جو!

13- نڌارٿ: تنهن تون ٿواهٿون پوريون ٿيون هتن. (گوبم بڌ – بڌ ڌرم تو باني)
14- ڏتاراماٽي: سامي ذات جو لنڊ هوءِ ڏتا راما راٽي نک جو هو.

سامي! تو سکيو سدا، گوتمر [15] سندو گيان،
نينهن اندر نروان، ارپيهءِ پاڻ تياڳ ۾!

سامي! ڪھڙي گس ۾، گرو گڏيو تو،
ءُ پوءِ چڏيو تو، سارو سک سنسار جو!

عشق- اگڻ تي آئيا، اڄ بہ اوڌوتي، [16]
لوچي لاهوتي، پهتا پريمِ- پار ڏي!

ستگر سپ ڪجھ آ ميان! گُرو، پتا ماتا،
نينهن سندا ناتا، ساميءَ ستگر سان رکيا!

15- گوتمر: گوتمر بڌ.
16- اَوڌوتي: تارڪ الدنيا جوڳي.

سامي! تو آهي سڏيو، اوديا کي آڳ،
پر وديا جي واڳ، ڏيندي آهي ڏک گهڻا!

تو نہ سمجهيو ساميا! گروءَ جي گر کي،
پر ساڳي سر کي، ڪيئن سمجهايان لوڪ کي!

سامي! سنياسي، او تياڳي ويراڳي،
ڏاڍي اٽانگي، آهي پريم ياترا!

پريم- پنٿ آ پانڌيا! گروءَ سندو گس،
ساميءَ سنت- رس، اوتيو اندر ۾ الا!

سونهن پري سنسار کي، تياڳيءَ تاو ۾،
يا تو سوداءَ ۾، سامي! ستيئہ سک کي!

سامي! پريم- پنٿ جا، ناهن جهريا جهان،
اجا ڪي انسان، آهن اهڙي پند ۾!

ستي پيو ٿو سوچيان، سامي! [17] ساميءَ ۾،
لوپ ڪاميءَ ۾، آٽي وڌو انڌ ۾!

سام سنت جي ڪپي، مون کي مدامي،
سامي او سامي! ڏي ڪا سرڪ سمونڊ مان!

مجان ٿو سامي! تون [18] انيئي آهين،
جاڻو پر ناهين، پورائيءَ جي پال ڪان!

ڪيسين ڪلجڳ جا ميان، سور سهان مان،
سدا رهان مان، ساميءَ سندي سام ۾!

مايا پري پاڻ ڪان، مور نہ موهن موهہ،
اسان اهڙا لوهہ، پگهري پگهرئون ڪين ڪي!

17- سامي: قبر
18- انيئي: گياني، جاڻو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چهن، اناڙهن، چئن سان، سامي! تون سهمت،
صوفي سنت- مت، اوچي هر [19] اپنشد ڪان!

سامي! تو سمجهائيا، ڇهه، اناڙهن، چار،
پر انهن جا پار، ويچها پريم- پنٿ ڪي!

[20] ڪلجڳ جا او ڪاپڙي، دنيا سڀ دوکو،
سمجهندو ڪو ڪو، سامي! تنهنجي سمجهه کي!

جڏهن آئي سمجهه ۾، ساميءَ سندي متِ،
من مهاپارت، لڳي لوچ ۽ لوپ ۾!

19- اپنشد: ڇهه اُپنشد، هندن جا ڌرمي پُستڪ
20- ڪلجڳ: هلندڙ دور- ديومالائي ڪٿا مطابق زماني جي ڪل چئن دورن مان هڪ دور ڪلجڳ آهي، تيڪو هلي رهيو آهي. اهو دور 432 هزار سالن جو آهي، جنهن کي شروع ٿئي پنج هزار سال گذري چڪا آهن.

سنڌيءَ ۾ اشلوڪ چئي، ڀڳتيءَ ڪي ڀڳايو،
آهي سمايو، ساميءَ ساگر بوند ۾!

ڇا ته ڇِڪ آ [21] ڇند ۾، سلوڪن پاڇي،
مون کي ٿو آڇي، سامي تيڪ تياڳ جا!

سوچيم سنت- مت جو، جبل جهاڳيان مان،
ڪيئن تياڳيان مان، سامي! سڪ سنسار جو!

صوفي سڀ سنسار جا، روڳي جوڳيڙا،
اسان پانڌيڙا، آهيون پريم- پنٿ جا!

سامي! لا مڪان ۾، ڏسيندين ڇا هي؟
جو مون کي آهي، پريم ساڳي پنڌ جو!

21 - ڇند: بيت، وائيءَ جو وزن، ڇند وديا.

آهي ڪهڙي پار ڏي، سامي! تنهنجو پنڌ،
تريءَ ڪٽي ڪنڌ، وئين هليو ويراڳ ۾!

عشق اڳاهون آ ڳهڻو، مٿي مذهب ڪان،
حسب نسب ڪان، بات بلند آ برهه جي!

نه[22] گُردواري، چرچ مان، نه مسجد مندر مان،
پنهنجي اندر مان، پيئي پروڙ پرينءَ جي!

سامي! مان نه سنت ڪو، نه ئي مان اوڌُوت،
تنهنجا ڏسيل پوت، پنج[23] ئي پري پاڻ کان!

---

22 - گرد وارو، چرچ، مسجد ۽ مندر: سکن، عيسائين، مسلمانن ۽ هندن جون عبادتگاهون.

23 - ساميءَ جا ڏسيل پنج پوت ڀلوپ- موهه، مايا، ڪام، ڪروڌ ۽ اهنڪار

ان ڪان اڳي جو مون کي، ڪڪي وجهي ڪام،
سامي! مون کي سام، ڏي تون پنهنجي ڏات جي!

سامي! مان نه سنت ڪو، نه ئي مان مجذوب،
مگر مان محبُوب، پاڻ ئي آهيان پانهنجو!

ڏات ڏيکاريو مون کي، ساميءَ سندو پار،
ايندو[24] اهنڪار، مور نه منهنجي ويجهڙو!

هوش عقل جي ديس ۾، جڏهن ڪُندس مان،
وجي ونندس مان، سام[25] سامي شير ۾!

آندو ڏکيءَ وات تي، اوديا آٽي،
ساميءَ سان هاٽي، اندر جي ڪا اورجي!

---

24 - اهنڪار: تڪبر

25 - سامي شير: شڪارپور ۾ ساميءَ جي نالي سان منسوب هڪ پاڙو.

صوفين اوچڻ سادگي، سامي رهن سکيا،
ڏاڍا پنڌ ڏکيا، آهن پاڻ- سڃاڻ جا!

ساميءَ سامت ۾ ڏني، چيتاوني[26] چِٽي،
ماڻهو مت مٽي، ٿوري جيون- ياترا!

ساميءَ مون ۾ اهڙي، جلائي جوتي،
ڏات سندا موتي، مون مان وکرن ڪينڪي!

[27]”وديا وديا“ تو ڪرين، سامي! سمجهي سک،
مگر ڏاڍا ڏک، ڏنا انهيءَ ڏيهه کي!

ڏاهپ ڏکي آ ميان! ڏاها ڏکيا پاڻ،
اوديا[28] اهڃاڻ، سامي! آهي سک جو!

26 - چيتاوني: چتاءُ.
27 - وديا: ڄاڻ
28 - اوديا: اڻ ڄاڻائي، جهالت.

سامي! پائين ٿو ميان، اوديا کي آڳ؟
اٿي، گهٽا جهاڳ، جبل وديا- واٽ جا!

سامي! سک سنسار جا، جي تو تياڳيا،
اسان به اوجاڳا، گهٽا ڪيا تياڳ ڪان!

سامي! سچل سان، جيڪر ملين ها،
وينو ڪرين ها، وائي تون وجدان جي!

سامي! شهر- دراز ۾، هيڪر وڃين ها،
ناتو رکين ها، پاڻ ئي [29] عبدالوهاب سان!

سامي! تو ڪڏهن پلاءِ، ڏيکيو درازا،
ڇا تو دروازا، پٽيا پٽ ڏٽيءَ جا؟

29 - عبدالوهاب: سچل سرمست جو اصل نالو.

پنهنجي تياڳ- آڳ تي، ڏاڍو ڪلين ها،
جي تون ملين ها، سامي! شاهه لطيف سان!

مون ٻه سمجهيو ساميا! جيئڻ آهي جٽ،
مگر مون کي پٽ، آهي شاهه لطيف جي!

پٿائيءَ جي ڀِڪ سان، هلندو هلندو آءُ،
ساميءَ کي سوداءُ، آهي مڙئي تياڳ جو!

صدين ڪان منهنجا جڙيل، سامي! تو سان سڱ،
مايا منهنجي مڱ، ڪڏهن ٿيندي ڪينڪي!

ڪيئن نه ٿيندو سوجهرو، ڪيئن نه ڦٽندي باک،
سامي! تنهنجي ساک، صديون ڏيندي سنڌڙي!

پريم- ساگر ڪان مٿي، ناهي ڪو ساگر،
آهي ڪو ساگر، جو مون کي سمائي سگهي!

اندر منجهان ٿا اچن، سانت سندا آواز،
سلوڪن جا ساز، سدا وڄن ساهه ۾!

سواس هن سرير ۾، ايئن ڪڄي ٿو،
گهنڊ ڪو وڄي ٿو، چڙ ڪنهن جهوني مندر ۾!

دل دل منجهه آ ڪعبو ۽، من اندر مندر،
آهي ايشور، ماڻهو روپ- سروپ ۾!

ويد پڙهي وادي ٿيا، قرآن پڙهي قاري،
انهن ٻنهي باري، آڳ دين ڌرم جي!

منهنجي ڪل وجود کي، ماپي ۽ ڪاڇي،
آئينو آڇي، آچون اناالحق جون!

جي هيءَ ساري [30] سرشٽي، آئينو آهي،
پوءِ ڀلا چاهي، چوڻ انا الحق مِ!

اندر جي هن آڳ جو، ڪهڙو ڪارڻ آ،
ڪهڙو ٻارڻ آ، آتما ۽ سرير مِ!

منهنجي سڪڻي سڏ کي، پڙاڏيو آ هوت،
هاڻي مون کي موت! ماري سگهندين ڪينڪي!

پروڙي ٿم [31] پِرٿوي، ڳوليو ٿم آڪاس،
سامي! توکي راس، آئي دنيا تياڳ جي؟

پروڙي تو پِرٿوي، اڪاريئه آڪاس،
سامي! توکي آس، ڪڏهن نه ٿي سنسار جي!

---

30 - سرشٽي: ڪائنات
31 - پرٿوي: ڌرتي

اندر جي اونداهه مِ، ڪو ديپ ٻارجي،
جيون گهارجي، سامي! تنهنجي سام مِ!

ساهن کي وساهه جي، ترهي تارجي،
جيون گهارجي، سامي! تنهنجي سام مِ!

سامي! توکي ڪيئن مان، [32] مهيسي مڃان،
ڇا توکي اڃان، ناهه ضرورت نينهن جي!

صديون منهنجي آتما، رلي پني آهي،
ڏات ڏني آهي، مڪتي مون کي موت ڪان!

[33] مڪتي مون کي موت ڪان، ائين جيئاري وئي،
ڏاتِ ٻاري وئي، مون مِ ديپڪ درد جو!

---

32 - مهيسي: شِو جو پوڄاري
33 - مڪتي: ڇوٽڪارو

لڳي تو هن لوچ ڪان، ٿيندس مان نه مڪت،
ڪو گياني گپت[34]، ڳوليندو هن ڳجهه کي!

مون کي موڙي موت ڪان، ائين جياري وئي،
ذات ٻاري وئي، مون ۾ ديپڪ درد جو!

عشق صليب تي جڏهن، مان ٿيس مصلوب،
تڏهن مان محبوب، پاڻ ئي ڄاڻ پاڻ کي!

آڪار[35] نرآڪار جو، فلسفو ڇا هي؟
آهي ڙي آهي، سڀ ڪجهه آهي آئينو!

آڪار نرآڪار جا، هزارين سوال،
ٻڄي قرب ڪلال، ساميءَ مت اپٽيا!

34 - گپت: ڳجهه
35 - آڪار: روپ، صورت – نرآڪار: بي روپ

آڪار نرآڪار جي، سٽ کي سلجهاءِ،
سامي! تون سمجهاءِ، وائي وحدت وجود جي!

سامي! تون سچ چئه، اَدُويتي[36] ناهين،
ويٺو سمجهائين، آڪار نرآڪار کي!

سوين روپ سروپ جا، هزارين ڪردار،
آڪار نرآڪار، خالق ۽ تخليق آ!

آڪار آهه آئينو، نينهن نرآڪار،
باقي سڀ بيڪار، باقي سڀ بي معنيٰ آ!

وحدت الوجود ۽، آڪار، نرآڪار،
انوکو اسرار، آهي انهيءَ ڳجهه ۾!

36 - ادويتي: ادويت (خدا جي وحدانيت) جو حامي

ٻنا پرن جي جيئن ٿا، ڪڪ پن اڏامن،
تيئن اڏامي من، عشق جي آڪاش ۾!

[37] اوجهي اندر سانت ۾، لڪي سڏيائين،
مون کي ڏنائين، مڙيئي ڪجھ ڳجھ مان!

سامي! ڏي اشلوڪ مان، سوائي سُرڪي،
تڏهن ئي مرڪي، منهن ڏيندس مان موت کي!

ساميءَ سلوڪن سندي، پڙهيم جو [38] پوٿي،
پيهر مون ڳوٿي، منٿي ماڻهوءَ وت جي!

ڏيان تياڳ آڳ ۾، ڪيئن هيءَ حياتي،
پائي ڏس جهاتي، لحو لحو لک جو!

37- اوجهو: مڪتب، اسڪول
38 - پوٿي: ڌرمي ڪتاب.

سامي! ڳجهي ڳجھ تي، ڏي نہ ايڏي ڳت،
صوفي سنتي- مت، صدا رهندي سنڌ ۾!

سامي! تو نہ چيو هيو، [39] ”مايا منهن ڪاري“،
پر دنيا ساري، پويان مايا موهه جي!

مورک ماڻهن کي ميان! سامي سامر نہ ڏي،
جهجها جام نہ ڏي، پري پيالا پريِن جا!

هوئن نہ اکين تي ميان! [40] بلها ۽ ماڌو،
پر سامي ساڌو، سانپيل آهي ساھ ۾!

سامي! سنڌ ۽ هند ۾، سدائين جيئندين،
هئين، آهين، رهندين، سنڌ جي تون ساهه ۾!

39- ”مايا ڏائڻ ڏندري، مايا منهن ڪاري.“ - سامي
40- بابا بلهي شاهه ۽ ماڌو لال حسين

ڏاها آيا ڏيهه ۾، نامي گرامي،
پر پنهنجو سامي، جدا ساري جڳ کان!

ساميءَ سندي پنڌ ۾ ڪاهوڙي ڪامڻ،
ٻرن اجهامڻ، روڳي انهيءَ روڳ ۾!

ڪهڙو سک تياڳ ۾، جٽِ ۾ ڪهڙي جيت،
سامي! ڪهڙيءَ ريت، تياڳجي سنسار کي!

موهه، ڪام، ڪروڌ جو، جبل جهاڳيان مان،
دنيا تياڳيان مان، تياڳجي نه شاعري!

ساميءَ سوڌو سپني، چيو پاڻ سڃاڻ،
روحاني رهاڻ، آتما سرير ۾!

پنڌ پاڻ سڃاڻ جاءِ پاڻ ڪٿون پري،
سگهيا ڪين ڪري، سواءِ ستگروءَ جي!

تون ويراڳ تياڳ ۾، پلي پيو پچ،
مگر سامي! سچُ، اوچو هر الهام کان!

مون ڪي ذات ڏيڪاريا، عشق جا آڪاش،
لفظن سندا لاش، پوريل پرٿويءَ ۾!

رچنائن ۾ آ رچيل، ايڪانت ۽ ويدانت،
ساميءَ سندي سانت، جهر جهنگ ۾ جهونگاربي!

سامي! تنهنجيءَ سنڌ ۾، اچ نه چو ايڪانت؟
ڪاڏي وئي ويدانت، ڪاٿي آهي شانتي؟

سامي! تنهنجيءَ سنڌ ۾، آهي سک نه سانت،
الا، سا ويدانت، موٽي شل ڪنهن روپ ۾!

ڪيڏو گند سماج ۾، ڪيڏو ڦير ۽ ڦند،
اڄ نہ ڇو آنند، سامي! تنھنجيءَ سنڌ ۾!

سامي! سانپر ۾ ميان! ڇا ڇا ڏٺو تو،
مگر ڇا لئھ ڇو، ڏسيئھ نہ ساري ڏيھ کي!

سامي، سانپر ۾ ميان! ڏٺو تو ڇا ڇا،
پر ان جا پاڇا، ناھن ڇو اشلوڪ ۾؟

ڪير ٿو ڇئي تہ ڪنھن، مندر ۾ آھي،
اندر ۾ آھي، سماڌي ساميءَ جي!

مٺيان نہ ماڻڪ، سون سان، الا! ھيءَ ايڪانت،
درد جو ديھانت[41]، ٿئي نہ ڪڏھن مون منجھان!

سامي! مون کي سھپ جي، رڻ ۾ ھينئن نہ رول،
ٻيلي ھاڻي ڪول، پنھنجي ڳجھي ڳجھ کي!

سامي! مون کي سھپ جي، رڻ ۾ رولين ٿو،
ڇاکي ڳولين ٿو، آخر ھن وجود ۾!

ميري ۽ ميرانجھڙي، منھنجي لوئيءَ لاک،
سامي! مون کان ساک، وٺ نہ اھڙي واٽ جي!

سامي! ھونئن تہ ھانو ۾، سمونڊ ٿو رکين،
پر ڇو نہ ٿو ٻکين، سونھن جي سڳنڌ سان!

سامي! تو سان سھمتي، آھيان آھيان، آءُ!
سونھن سندو سوداءُ، سدا رھندو ساھ کي!

41 - ديھانت: موت

سامي منهنجي اک سان، سونهن پسين ها،
اتي رسين ها، جتي جلوا جوت جا!

آهي آدجڳاد کان، سونهن سندو سوداءُ،
سامي! منهنجا پاءُ، سونهن سواءِ ڇا زندگي!

آهي آد- جڳاد کان، اندر ۾ کو ٻاڻ،
آخر ڇا جي ڪاڻ، جهنجهوڙيان ٿو پاڻ کي!

آهي آد- جڳاد کان، چند سندي ڇايا،
ڪيئن نه مون ڪايا، پلٽي آ پرلوڪ جي!

جيون جل- ڦوٽو، ساميءَ چواٽي،
وارن ويڙهوٽو، پوءِ به منهنجيءَ ڇيڇ ۾!

”جيون [42] جل- پپُوٽڙو“، آهي، مڃان ٿو،
پوءِ به وڃان ٿو، سونهن سندي سنسار ڏي!

اچان تنهنجي ويجهڙو، آهي ڪم آسان،
پر ساميءَ [43] ساوڌان، ڪيو آهي ڪام ڪان!

سامي! منهنجي سمجهه ۾، اڇي ويو آهين،
رچي ويو آهين، منهنجي رڳ رڳ روح ۾!

مڃان ٿو مان موهه کي، پوڄڻ آهي پاپ،
سامي! تون [44] سراپ، ڏي نه منهنجي ذات کي!

آمد اندر سور جي، ناهي هي آورد،
درمندن درد، سنو آهر دور ۾!

---

42 - جل پپُوٽڙو: پاڻيءَ ڦوٽو.

43 - ساوڌان: خبردار.

44 – سراپ: پِٽَ، پاراتو.

مون ڪوتائن ساڻ ئي، لڏيون هن لاوان،
دڪان ۽ ڏاوان، تڙپ جي تلاو ۾!

اڃا گهرجي ٿو گهٽو، اڃا مان اڻ جاڻ،
سامي! سدا ساڻ، رهه تون منهنجي راهه ۾!

پنهنجي هن وجود ۾، پاتم جو ليئو،
ڏات سندو ڏيئو، پرندو ڏنم پاڻ ۾!

ماڻهو پنهنجيءَ وٽ ڪان، وڌيڪ ٿو لوچي،
سجيهه ٿو سوچي، پنهنجي هن وجود ڪي!

پنهنجي هن وجود ۾، پاتم جو جهاتي،
مڙئي مون پاتي، آهي ڪائنات نئين!

آخر هن وجود جو، ڪهڙو ڳجهه آهي،
ليڪن ڪجهه آهي، جيڪي جيئڻ ٿا چون!

ڪوئي پڇي پاڻ ڪان، چاهيان، مان چاهيان؟
آهيان يا ناهيان، ڪيئن، ڪاٿي، ڪيترو!

ڪيڏو پڇيم پاڻ ڪان، ڪير آهيان مان؟
چا ٿو چاهيان مان، آخر پنهنجو پاڻ ڪان!

ماڻهو پنهنجي وِٽُ ۾، ڪجهه به نه ناهي،
چو ٿو ڪرڻ چاهي، دنيا پنهنجي مٺ ۾!

چو سدائين ساهه کي، اوسيڙو آهي،
هاڻي جو ناهي، صدين جو سوداءُ آ!

[45] تُلسي منهنجي هنج ۾، ۽ ٻي پڌر ۾،
چا لئه مندر ۾، وڃان ڪنهن جي ڪاڻ مان!

45- تلسي: هڪ ٻوٽو، جنهن کي هندو مقدس مڃيندا آهن.

ڪيسن گڏجي پاڻ ۾، هلنداسين سامي،
تون [46] انترياميءَ ۽ مان مورک سادڙو!

هي جو هن گلاس ۾، آ چندرما پاڇو،
انهيءَ جو ڪاچو، ڪندو ڪو ويدانت سان؟

ڪوئي ڏسيندو مون کي، محبتون چاهن؟
ڪيستائين آهن، سرحدون وجود جون!

چيري ڏس ته هانو ۾، نِلو نينهن آهي،
مڙئي مينهن آهي، اکين جي آڪاش ۾!

صحرا صحرا نيڻ ۽، ڦٽون ڦٽون پير،
هئه! هي مون کي هير، وڌي ڪنهن ويراڳ جي!

46 - انترامي: اندر جو حال ڄاڻيندڙ.

ساهه هن سرير ۾، ايئين ڪجهي ٿو،
ڪو گهنڊ وڃي ٿو، صحرا جي [47] سَتسَنگ ۾!

نه ڪا سمڪ سونهن جي، نه عشق جو اولو،
بڪي لئه لولو، سڀ ڪجهه آهي، سانوري!

چا لئه چپر ۾، لڪان، پاڻ لڪائيان،
چا لئه [48] ڇپر ۾، گهاريان ويتو زندگي!

او پرميشور پرين! او پاڄهارا پڌ،
[49] يوگ سندي هي [50] يڌ، آهي آد جڳاد کان!

47 - ستسنگ: ساڌن جي سنگت
48 - ڇپر: ڇپهري، ورانڌو
49 - يوگ: ڪل، ميلاپ
50 - يڌ: جنگ

جڏهن ڪام ڪروڌ جو، نانگ ڏنگيندءِ،
تڏهن پوءِ ايندءِ، ساميءَ سپنو سمجهہ ۾!

ها تو پنهنجو پاڻ ۾، لڇندو رهندو ڪر،
پڇندو رهندو ڪر، سوال پنهنجو پاڻ کان!

جي تون پنهنجو پاڻ کي، ڳوليندو رهندين،
هڪڙي ڏينهن لهندين، ڳولي خلقڻهار کي!

هڪ هڪاٽي هڪ ڏينهن، ٿيندي، ها، ٿيندي،
ايندي، ها، ايندي، سمجهہ سامي- سمجهہ جي!

خالق ۽ تخليق جو، وڏو ڳجهہ آهي،
گهٽو ڪجهہ آهي، ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾!

تات توڙي تپسيا[51]، تڙپ آهي سڀ ڪجهہ،
جنهن بہ اهو ڳجهہ، لڌو سوئي لال ٿيو!

ڏيان پنهنجي ذات جو، ٻيهر[52] ٻليدان،
ياڳ ڏي ڀڳوان، تہ ساڪ ۾ سرهو ٿيان!

الله چا چا ڳجهہ ۾، آڇي ٿو هر هر،
سامي! سوداگر، آڪار نرآڪار جو!

سارو جڳ جهان آ، سونهن سندو ساگر،
سامي سوداگر، تياڳ ۽ ويراڳ جو!

---

51 - تپسيا: عبادت، رياضت
52 - ٻليدان: قرباني

[53] چوراسي لک جُونڻ کان، پوءِ ٿو جنمين،
چو ٿو لڄائين، آخر تون انسان کي!

پنهنجي لوڀي نفس کي، ڪُتي وانگر ٻڌ،
وِتُ کان تون نہ وڌ، پڇتائيندين وائڙا!

جي تون پنهنجو پاڻ کي، آئينو ڏيندين،
ڪڏهن نہ پوءِ ٿيندين، ڏنو اڳيان ڏيهہ جي!

سامي منهنجي دور ۾، جيڪر هجي ها،
چا چا سُجهي ها، سندس سوچ ۽ لوچ ۾!

تنهنجو ڪاٿو ڪير ڪري، سامي منهنجا پاءُ،
تاريخ توسان نياءُ، ڪري سگهندي ڪيترو!

جڏهن منهنجيءَ جوءِ تي، لاهوتي لڙيا،
گهاڙيٿا گهڙيا، اسان پوءِ عشق جا!

جڏهن منهنجي جوءِ تي، اَوڌُوتي آيا،
چا لئہ پوءِ چايا، ڪندا ڪڪر ڪام جي!

جڏهن منهنجي جوءِ تي، ويراڳي وريا،
ٻُڏل پيي تريا، ٻيڙا مون لئہ ٻاجھ جا!

ها، وڇوڙو ئي سهي، آءُ نہ ملهايون،
صديون سمايون، پيار سندي هڪ پل ۾!

آءُ نہ هڪڙي پل ۾، زندگي گهاريون،
آءُ پرين ٻاريون، جوت پنهنجو پاڻ ۾!

---

53 - چوراسي لک دفعا هر قسم جي مخلوق جو روپ وٺي جنمڻ (Transmigration of Soul) – هندو عقيدي موجب انسان 84 لک دفعا مختلف مخلوقن جو روپ وٺي جنميو آهي، جنهن کان پوءَ انسان جي روپ ۾ جنم ورتو اٿائين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هي لُوڏانيا لفظ چڙهه، اکين ۾ چِتاءِ،
لحن کي لڄاءِ، صدين جي معنيٰ ڏئي!

صديون منهنجي ساهه ۾، ڪا تار وڳي آهي،
ڪنهن نه پڳي آهي، ڳوٺ انهيءَ ڳجهه جي!

مٺي سنتي- متِ جي، ڪيئن نه ڳوهيندينءَ،
مون کي موهيندينءَ، ڪيئن پلا تون ڪامڻي!

چوٿو چرڪين بانورا! موت نه موٺ آءِ
اهڙي اوٺ آءِ جيڪا ڳهرجي جيءَ کي!

جهڪڻ توکي جهڪ ڪان، پيو بچائيندو،
اهو آڻيندو، ميان تو ۾ ماڻهپو!

منهنجي ڏکيءَ ڏات کي، ڪلي ڪيڪاري،
سامي سوئيڪاري[54]، شل منهنجي شرڌا انجلي!

---

54 - سوئيڪاري: قبول ڪري

ڏسٽي

_ ترويٽي : گنگا، جمنا ۽ سرسوتي ندين جي سنگم وارو هنڌ- پرياگ (الھ آباد)، جيڪو هندن جو هڪ وڏو تيرٿ استان آهي.

_ **هاٿي در:** شڪارپور شهر جي چوڌاري فصيل ڏنل هئي، جنهن کي اٺ دروازا هئا- لکي در، هزاري در، هاٿي در، واڳڻو در، نوشهرو در، ڪرن در ۽ سوي در. اڄ انهن جا نالا وڃي بچيا آهن. سامي پڻ هاٿيدر تي رهندو هو.

- **ڪام:** شهوت
- **لوڀ:** لالچ
- **مايا:** دولت
- **ڪروڌ:** ڪرڪر
- موھ : چمڪ، ڏيکاءُ
- **ميگھراج:** سوامي ميگھراج- ساميءَ جو گرو
- **هيمنداس:** شڪارپور ۾ هاٿي در تي سامي، هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ رهندو هو.

هنگلاج: هنگلاج کي، جوڳي ناني (Mother Godess) چوندا آهن.

- **ناني:** هنگلاج کي جوڳي، محبت ۾ ناني ڪوٺيندا آهن.
- **ناٿ پنٿي:** ناٿ فرقي جا جوڳي.
- **سڌارٿ:** جنهن جون خواهشون پوريون ٿيون هجن. (گوتم ٻڌ – ٻڌ ڌرم جو باني)
- **ڏتاراماڻي:** سامي ذات جو لنڊ هو ۽ ڏتاراما راڻي نڪ جو هو.
- **گوتم:** گوتم ٻڌ.

- **اَوڌوتي:** تارڪ الدنيا جوڳي.

- **سامي:** قبر

- **انيئي:** گياني، ڄاڻو

- **اپنشد:** ڇهه اُپنشد، هندن جا ڌرمي پُستڪ

- **ڪلجڳ :** هلندڙ دور- ديومالائي ڪٿا مطابق زماني جي ڪل چئن دورن مان هڪ دور ڪلجڳ آهي، تيڪو هلي رهيو آهي. اهو دور 432 هزار

- سالن جو آهي، جنهن کي شروع ٿئي پنج هزار سال گذري چڪا آهن.

- **ڇند :** بيت، وائيءَ جو وزن، ڇند وديا .

- **گرد وارو، چرچ، مسجد ۽ مندر:** سکن، عيسائين، مسلمانن ۽ هندن جون عبادتگاهون.

- **ساميءَ جا ڏسيل پنج پوٽ :** لوڀ- موهه، مايا، ڪام، ڪروڌ ۽ اهنڪار

- **اهنڪار:** تڪبر

- **سامي شير:** شڪارپور ۾ ساميءَ جي نالي سان منسوب هڪ پاڙو.

- **چيتاوني:** چتاءُ.

- **وديا :** ڄاڻ

- **اوديا :** اڻ ڄاڻائي، جهالت

- **عبدالوهاب:** سچل سرمست جو اصل نالو.

- **سرشٽي:** ڪائنات

- **پرٿوي:** ڌرتي

- **مهيسي:** شِو جو پوڄاري

- **مڪتي:** ڇوٽڪارو

- **گُپت:** ڳجھ

- **آڪار:** روپ، صورت

- **نراڪار:** بي روپ

- **ادويتي:** ادويت (خدا جي وحدانيت) جو حامي

- **اوجھو:** مڪتب، اسڪول- پوٿي: ڌرمي ڪتاب.

- "مايا ڏائڻ ڏنندري، مايا منهن ڪاري." – سامي جي ڪه سلوڪ جي سِٽ

- **ديهانت:** موت

- **جل پيُوڙو:** پاڻيءَ ڦوٽو

- **ساوڌان:** خبردار.

- **تُلسي:** هڪ ٻوٽو، جنهن کي هندو مقدس مڃيندا آهن ۽ عبادت ڪندا آهن.

- **انترِيامي:** اندر جو حال ڄاڻيندڙ.

- **ستسنگ:** ساڌن جي سنگت

- **ڇڄر:** ڇڄهري، ورانڊو

- **يوگ:** ڪل، ميلاپ

- **يُڌ:** جنگ

- **تپسيا:** عبادت، رياضت

- **بليدان:** قرباني

- **جُونِ:** چوراسي لک دفعا هر قسم جي مخلوق جو روپ وٺي جنمڻ (Transmigration of Soul) – هندو عقيدي موجب انسان 84 لک دفعا مختلف مخلوقن جو روپ وٺي جنميو آهي، جنهن کان پوءِ انسان جي روپ ۾ جنم ورتو اٿائين.
- **سوئيڪاري:** قبول ڪري
- ادويت (Non Dualism) يعني وحدانيت
- تت توم اسي: اهو تون آهين
- اهم برهم اسمي: مان برهم آهيان
- سِڌ نو پڳت، قاضي قادن،
- شاهه لطيف (١٦٨٩ع- ١٧٥٢ع)
- سامي (١٧٤٣ع- ١٨٥٠ع)
- مان شنڪر آچاريه (٧٨٨ع- ٨٣٠ع)
- رامانج (١٠٢٧ع- ١١٢٧ع)
- ڪبير (١٤٤٠- ١٥١٨)، سورداس
- تلسيداس (١٥٣٢ع- ١٦٢٣ع)
- دادو ديال (١٥٤٤ع- ١٦٠٣ع)
- ميران بائي (١٤٩٨- ١٥٦٥)
- نانڪ (١٤٦٧-١٥٣٨)
- انگد (١٤٣٥ع- ١٤٥٢ع)

-